القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي رحمه الله

بير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَنُخْرِجَنَّكَ يٰشُعَيْبُ
چيو سردارن جن وڏائي ڪئي ان جي قوم مان تہ ضرور تڙينداسون توکي اي شعيب
سندس قوم مان هٺيلن سردارن (چٽر ڪري) چيو تہ اي شعيب! توکي ۽ جن توکي مڃيو آهي، تن کي

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَكَ مِنْ قَرْيَتِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ قَالَ
۽ انهن کي جن ايمان آندو توسان گڏ پنهنجي ڳوٺ مان يا موٽي اچو اسان جي طريقي تي، چيائين
پنهنجي شهر مان ضرور لوڏينداسون يا تہ اوهين اسان جي ريت ۾ موٽي اچو، (شعيب) چيو تہ جيتوڻيڪ اسين

اَوَلَوْ كُنَّا كٰرِهِيْنَ ﴿٨٨﴾ قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنْ عُدْنَا فِيْ
جيتوڻيڪ هجون اسان بيزار. بيشڪ مڙهيوسون الله تي ڪوڙ جيڪڏهن موٽياسون توهان جي
اوهان جي دين کي بُرو پائيندڙ آهيون (تہ بہ موٽنداسون ڇا)؟. جيڪڏهن اسين اوهان جي ريت ۾ اُنهيءَ کان پوءِ جو الله اسان کي ڪانئس ڇڏايو

مِلَّتِكُمْ بَعْدَ اِذْ نَجّٰىنَا اللّٰهُ مِنْهَا ؕ وَمَا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ
دين ۾ ان کان پوءِ جو ڇڏايو اسان کي الله انهيءَ کان، ۽ ناهي لائق اسان کي جو موٽي اچون
موٽي اچون تہ بيشڪ الله تي ڪوڙ مڙهيوسون۔ ۽ اسان جي پالڻهار الله جي گهر کان سواءِ اسان کي منجهس موٽڻ

فِيْهَآ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّنَا ؕ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ
ان ۾ مگر جي گهري الله رب اسان جو، سمايو آهي اسان جي رب هر شيءِ کي علم ۾.
تہ جڳائيندو آهي. اسان جي پالڻهار جي علم سڀني شين کي سمايو آهي. اسين الله تي ڀروسو ڪريون ٿا.

عَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْنَا ؕ رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَ
الله تي ئي ڀروسو ڪيو اٿئون، اي رب اسان جا نبيرو ڪر اسان ۽ اسان جي قوم جي وچ ۾ انصاف سان ۽
اي اسان جا پالڻهار! اسان جي ۽ اسان جي قوم جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر ۽ تون چڱو

اَنْتَ خَيْرُ الْفٰتِحِيْنَ ﴿٨٩﴾ وَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَئِنِ
تون ئي ڀلو نبيرو ڪندڙ آهين. ۽ چيو سردارن جن ڪفر ڪيو ان جي قوم مان جيڪڏهن
فيصلو ڪندڙ آهين. ۽ سندس قوم مان ڪافرن جي ٽولي (پنهنجن يارن کي) چيو تہ جيڪڏهن اوهين شعيب

اتَّبَعْتُمْ شُعَيْبًا اِنَّكُمْ اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿٩٠﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ
پٺيان لڳندؤ شعيب جي تہ بيشڪ اوهان ان وقت نقصان وارا ٿيندا. پوءِ ورتو انهن کي زلزلي
جي تابعداري ڪندؤ تہ اوهين اتي جو اُتي نقصان وارا ٿيندؤ. پوءِ اُنهن کي زلزلي (جي عذاب) ورتو پوءِ

فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٩١﴾ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَاَنْ
پوءِ صبح جو پيا هئا پنهنجن گهرن ۾ اونڌا گوڏن ڀر. اهي جن ڪوڙو ڪيو شعيب کي ڄڻ تہ
پنهنجي جاين ۾ گوڏن ڀر ڪري (مري) ويا. جن شعيب کي ڪوڙو ڀانيو سي ڄڻڪ

لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۛ اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا شُعَيْبًا كَانُوْا هُمُ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٢﴾

رهيائي كو نہ هئا اتي، اهي جن ڪوڙو ڪيو شعيب کي ٿيا اهي ئي نقصان وارا.

انهن (گهرن) ۾ رهيا ئي ڪونہ هئا، جن شعيب کي ڪوڙو ڀانيو سي ئي (نقصان) وارا هئا.

فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ

پوءِ موٽيو انهن کان ۽ چيائين اي منهنجي قوم بيشڪ مان پهچايا توهان کي پيغام پنهنجي رب جا ۽ نصيحت ڪيم

پوءِ کانئن منهن موڙيائين ۽ چيائين تہ اي منهنجي قوم! بيشڪ اوهان کي پنهنجي پالڻهار جا پيغام پهچايا اٿم ۽ اوهان جي

لَكُمْ ۚ فَكَيْفَ اٰسٰى عَلٰى قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿٩٣﴾ ع وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ

توهان کي، پوءِ ڪيئن افسوس ڪريان ڪافر قوم تي. ۽ نہ موڪليوسون ڪنهن ڳوٺ ۾

خيرخواهي ڪيم تنهن ڪري (هاڻي) ڪافر قوم تي ڇا لاءِ ڏک ڪريان؟. ۽ ڪنهن ڳوٺ ۾ پيغمبرن مان ڪوبہ نہ موڪليوسون پر

مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّآ اَخَذْنَآ اَهْلَهَا بِالْبَاْسَآءِ وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ

ڪو نبي مگر ورتوسون اتان وارن کي سختيءَ سان ۽ تڪليف سان من اهي

اتي جي رهاڪن کي (پيغمبرن جي نافرمانيءَ سبب) سختي ۽ مصيبت ۾ پڪڙيندا رهياسون تہ مَن اُهي عاجزي ڪن.

يَضَّرَّعُوْنَ ﴿٩٤﴾ ثُمَّ بَدَّلْنَا مَكَانَ السَّيِّئَةِ الْحَسَنَةَ حَتّٰى عَفَوْا وَّقَالُوْا

نيزاري ڪن. پوءِ بدلايوسون ڏک جي جاءِ تي سک نيٺ وڌي ويا ۽ چيائون

وري (ايستائين) ڏک جي بجاءِ سک مٽائي ڏنوسون جيستائين آسودا ٿيا ۽ چيائون تہ بيشڪ

قَدْ مَسَّ اٰبَآءَنَا الضَّرَّآءُ وَالسَّرَّآءُ فَاَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ

تہ پهتو هئو اسان جي ابن ڏاڏن کي اهڙو ڏک ۽ سک، پوءِ ورتوسون انهن کي اوچتو ۽ انهن کي

اسان جي اَبن ڏاڏن کي (ائين) ڏک سک پهتو هو پوءِ اوچتو ئي اُنهن کي سندن بي خبريءَ جي حالت ۾

لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٩٥﴾ وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰٓى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ

خبر ئي نہ پئي. ۽ جيڪڏهن انهن ڳوٺن وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار ٿين ها تہ کولي ڇڏيون ها انهن تي

پڪڙيوسون. ۽ جيڪڏهن انهن ڳوٺن وارا ايمان آڻين ها ۽ پرهيزگار بڻجن ها تہ مٿن آسمانن ۽ زمين کان

بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا

برڪتون آسمان جون ۽ زمين جون پر انهن ڪوڙو ڪيو پوءِ پڪڙيوسون انهن کي سندن عمل

برڪتون ضرور کوليون ها پر ڪوڙ ڀانيائون تنهن ڪري اُنهن جيڪي ڪيو تنهن سببان کين پڪڙيوسون.

يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٦﴾ اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا وَّهُمْ

جي ڪري. ڇا پوءِ بي ڊپا ٿيا آهن ڳوٺن وارا جو اچي انهن تي اسان جو عذاب راتو واهہ ۽ اهي

ڳوٺن وارا جنهن حال ۾ سمهيل هجن تنهن مهل راتو واهہ پاڻ تي اسان جي عذاب پهچڻ کان ڇو بي پروا ٿيا آهن؟.

نَآئِمُوْنَ ﴿٩٧﴾ اَوَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّهُمْ

سُتل هجن. ڇا بي ڊپا ٿيا آهن ڳوٺن وارا جو اچي انهن وٽ اسان جو عذاب ڏينهن جو ۽ اهي

يا ڳوٺن وارا هن کان ڇو بي پروا ٿيا آهن جو اسان جو عذاب ڏينهن چڙهي مهل وٽن اچي ۽ اُهي راند ڪندا هجن؟

يَلْعَبُوْنَ ﴿٩٨﴾ اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ ۚ فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ

راند پيا ڪن. ڇا بي ڊپا ٿيا آهن الله جي پڪڙ کان، پوءِ بي خوف نه ٿا ٿين الله جي پڪڙ کان مگر ماڻهو

الله جي رٿ کان ڇو بي پروا ٿيا آهن؟ جو ٽوٽي واريءَ قوم کان سواءِ (ٻيو) ڪو الله جي رٿ کان

ع ۱۲ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩٩﴾ ع اَوَلَمْ يَهْدِ لِلَّذِيْنَ يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ

نقصان وارا. ڇا نه سمجهاڻي ڏني انهن کي جي وارث ٿيا ملڪ جا ان جي مالڪن

بي پرو نه ٿيندو آهي. جيڪي، ملڪ جي رهندڙن کان پوءِ وارث ٿين ٿا تن کي پڌرو نه ٿيو آهي ڇا؟ ته

اَهْلِهَآ اَنْ لَّوْ نَشَآءُ اَصَبْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ

کان پوءِ هن ڳاله ته جيڪڏهن گهرون ها ته وٽ ڪريون ها انهن کي سندن گناهن سبب، ۽ اسين مُهر هڻون ٿا انهن جي دلين تي

جيڪڏهن گهرون ها ته ڪين سندن گناهن سببان سزا ڏيون ها. ۽ سندين دلين تي مُهر هڻون ها ته اُهي نه ٻڌن ها.

فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾ تِلْكَ الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآئِهَا ۚ

پوءِ اهي نه ٿا ٻڌن. اهي آباديون هيون جو پڌايون ٿا توکي انهن جون خبرون،

(اي پيغمبر!) اِهي ڳوٺ آهن جن جون خبرون توتي بيان ڪريون ٿا، ۽ بيشڪ وٽن سندن پيغمبر

وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا

۽ آيا هئا انهن وٽ رسول معجزن سان، پوءِ نه پيا مڃين ان کي جنهن کي ڪوڙو ڪيو هئائون

چِٽن معجزن سان آيا، پوءِ انهيءَ سببان جو اڳي ڪوڙ پاتيائون اُهي ڪڏهن بہ نہ مڃيندا هئا.

مِنْ قَبْلُ ۗ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٠١﴾ وَمَا وَجَدْنَا

اڳ ۾، اهڙي طرح مُهر هڻي ٿو الله ڪافرن جي دلين تي. ۽ نه لڌاسون

اهڙيءَ طرح الله ڪافرن جي دلين تي مُهر هڻندو آهي. ۽ منجهائن گهڻن کي انجام (تي پورو) نہ

لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَاِنْ وَّجَدْنَآ اَكْثَرَهُمْ لَفٰسِقِيْنَ ﴿١٠٢﴾ ثُمَّ

گهڻا انهن جا وعدي تي، ۽ لڌاسون ڪيترائي انهن جا بي فرمان. وري

ڏٺوسون، ۽ منجهائن گهڻن کي بي دين ڏٺوسون. وري ڪانئن پوءِ موسيٰ کي فرعون

بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَظَلَمُوْا

موڪليوسون انهن کان پوءِ موسيٰ کي معجزا ڏئي فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن پوءِ ڪفر ڪيائون

۽ سندس قوم ڏانهن پنهنجن معجزن سان پيغمبر ڪري موڪليوسون پوءِ انهن کي نہ مڃيائون.

بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَقَالَ مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ

انھن جو. پوءِ نظر ڪر ڪيئن ٿيو انجام فسادين جو. ۽ چيو موسيٰ او فرعون

(اي پيغمبرا) ڏس ته فساد ڪندڙن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي! ۽ موسيٰ (فرعون کي) چيو ته، اي فرعون! آءٌ

اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٤﴾ حَقِيْقٌ عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ

يقينن آءٌ رسول آهيان رب العالمين جو. پڪو آهيان هن تي ته نه ڳالهائيندس

جهانن جي پالڻهار جو پيغمبر آهيان. هن (ڳالهه) تي قائم آهيان ته الله تي سچ کان سواءِ ڪجهه به

عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ؕ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ

الله تي مگر سچ، اجهو آندي اٿم توهان وٽ نشاني توهان جي رب کان پوءِ وڃڻ ڏي مون سان گڏ

نه چوان. بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان چِٽي معجزي سان آيو آهيان تنهن ڪري

بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٠٥﴾ قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ اِنْ

بني اسرائيل کي. چيائين جيڪڏهن آندي اٿيئي ڪا نشاني ته پيش ڪر ان کي جيڪڏهن

بني اسرائيلن کي مون سان (هلڻ جي) موڪل ڏي!. (فرعون) چيو ته جيڪڏهن ڪو معجزو آندو اٿيئي ته جيڪڏهن

كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٠٦﴾ فَاَلْقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٠٧﴾

تون آهين سچن مان. پوءِ اڇلايائين لٺ پنهنجي ته اها ٿي پئي نانگ چٽو.

سچن مان آهين ته اهو آڻ! پوءِ پنهنجي لٺ اڇلايائين ته اڇلڻ سان ئي اها پڌرو واسينگ (نانگ) ٿي پيئي.

وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ ع ۱۴

۽ ڪڍيائين هٿ پنهنجو ته اهو ٿي پيو صاف اڇو ڏسڻ وارن لاءِ. چيو سردارن قوم

۽ پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيائين ته اهو ڪڍڻ سان ئي ڏسندڙن لاءِ روشن ٿيو. فرعون جي قوم مان سگهر ماڻهو چوڻ

فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ﴿١٠٩﴾ يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ

فرعون جي ته هي جادوگر آهي هوشيار. چاهي ٿو ته ڪڍي توهان کي توهان جي

لڳا ته هيءُ پڪو چاڻو جادوگر آهي. اوهان کي اوهان جي ملڪ مان ڪڍي ڇڏڻ گهري ٿو.

اَرْضِكُمْ ۚ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿١١٠﴾ قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَاَخَاهُ وَاَرْسِلْ

ملڪ مان پوءِ ڇا ٿا صلاح ڏيو. چيائون ڍَرَ ڏِجِ ان کي ۽ سندس ڀاءُ کي ۽ موڪل

تنهنڪري اوهين ڇا ٿا صلاح ڏيو؟ (فرعون کي) چيائون ته کيس ۽ ڀائس کي ترساءِ ۽ ڪوٺيندڙ

فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿١١١﴾ يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿١١٢﴾ وَجَآءَ السَّحَرَةُ

ڳوٺن ۾ گڏ ڪندڙن کي. آڻن تو وٽ هر جادوگر هوشيار کي. ۽ آيا جادوگر

شهرن ڏانهن موڪل. ته تو وٽ سڀيئي چاڻو جادوگر آڻين. ۽ فرعون وٽ جادوگر آيا چوڻ لڳا ته

فِرْعَوْنَ قَالُوْٓا اِنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٣﴾ قَالَ نَعَمْ

فرعون وٽ چيائون اسان کي ملندي ڪجهه مزدوري جيڪڏهن اسان زور ٿي وڃون. چيائين هائو

جيڪڏهن اسين غالب ٿيون تہ اسان لاءِ ضرور (ڪو) انعام (هٿڙ) گهرجي. فرعون چيو تہ، هائو! (انعام بہ ڏبو) ۽ اوهين

وَاِنَّكُمْ لَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿١١٤﴾ قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِيَ وَاِمَّآ

۽ توهان خاص ماڻهو ٿيندا. چيائون اي موسيٰ يا تون داوُ وجهہ يا

مرتبي وارن مان (بہ) ٿيندؤ. چيائون تہ اي موسيٰ! يا توکي (جادوءَ جي شيءِ) اڇلڻ گهرجي يا (پهرين) اسين

اَنْ نَّكُوْنَ نَحْنُ الْمُلْقِيْنَ ﴿١١٥﴾ قَالَ اَلْقُوْا ۚ فَلَمَّآ اَلْقَوْا سَحَرُوْٓا اَعْيُنَ

هجون اسين داوُ وجهندڙ. چيائين توهان وجهو پوءِ جڏهن داوُ وڌائون تہ جادو ڪيائون ماڻهن جي

اڇليندڙ ٿيون؟ (موسيٰ) چيو تہ (اوهين) اڇليو. پوءِ جنهن مهل اڇليائون (تنهن مهل) ماڻهن جون اکيون جادوءَ سان

النَّاسِ وَاسْتَرْهَبُوْهُمْ وَجَآءُوْ بِسِحْرٍ عَظِيْمٍ ﴿١١٦﴾ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى

اکين تي ۽ ڊيڄاريائون انهن کي ۽ پيش ڪيائون جادو وڏو. ۽ حڪم ڪيوسون

بند ڪيائون ۽ انهن کي ڊيڄاريائون ۽ وڏا جادو آندائون. ۽ موسيٰ ڏانهن وحي موڪليوسون

مُوْسٰٓى اَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ۚ فَاِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ﴿١١٧﴾ ۚ فَوَقَعَ

موسيٰ کي تہ اڇل پنهنجي لٺ، پوءِ اوچتو اها ڳهي ويئي ان کي جيڪي انهن بڻايو هو. پوءِ ثابت ٿيو

تہ پنهنجي لٺ اڇل! پوءِ جيڪو جادو ڪيائون تنهن کي اها انهيءَ مهل ڳهندي ويئي. پوءِ

الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١١٨﴾ ۚ فَغُلِبُوْا هُنَالِكَ وَانْقَلَبُوْا

حق ۽ رد ٿيو جيڪو اهي ڪن پيا. پوءِ هارايائون اتي ئي ۽ موٽيا

سچ پڌرو ٿيو ۽ جيڪي ڪندا رهيا سو ڪوڙو ٿيو. پوءِ (فرعون وارا) اُن هنڌ هيٺا ٿيا ۽ خوار ٿي موٽيا.

صٰغِرِيْنَ ﴿١١٩﴾ ۚ وَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿١٢٠﴾ ۚ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢١﴾ ۙ

خوار ٿي. ۽ ڪري پيا جادوگر سجدي ۾. چيائون ايمان آندوسون رب العالمين تي.

۽ جادوگر سجدي ۾ ڪري پيا. چيائون تہ اسين جهانن جي پالڻهار تي ايمان آندوسون.

رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿١٢٢﴾ قَالَ فِرْعَوْنُ اٰمَنْتُمْ بِهٖ قَبْلَ اَنْ

جو رب آهي موسيٰ ۽ هارون جو. چيو فرعون مڃيو ٿا توهان ان کي اڳي جو آءٌ

(جو) موسيٰ ۽ هارون جو پالڻهار (آهي). فرعون چيو تہ، اوهان منهنجي موڪل کان اڳ ئي ان تي ايمان ڇو آندو آهي؟

اٰذَنَ لَكُمْ ۚ اِنَّ هٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوْهُ فِي الْمَدِيْنَةِ لِتُخْرِجُوْا مِنْهَآ

اجازت ڏيان اوهان کي، بيشڪ هي ڏوڪو آهي جو ڏنو اٿو شهر ۾ جئن ڪيو ان مان

هيءُ (اوهان جو) فريب آهي (جو پاڻ ۾ گڏجي) هن ڪري (هن) شهر ۾ ڪيو اٿوَ تہ سندس رهاڪن کي

اَهۡلَهَا ۚ فَسَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿١٢٣﴾ لَاُقَطِّعَنَّ اَيۡدِيَكُمۡ وَاَرۡجُلَكُمۡ

شهر وارن کي، سواجهو چاڻندؤ. مان ضرور وڍيندم توهان جا هٿ ۽ توهان جا پير

منجهانئس ڪڍي ڇڏيو، پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ. اوهان جا هٿ ۽ اوهان جا پير ابتڙ سبتڙ ضرور وڍيندس

مِّنۡ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿١٢٤﴾ قَالُوۡۤا اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا

ابتڙ پوءِ ڦاهي ڏيندم توهان سيني کي. چيائون اسان پنهنجي رب ڏانهن

وري اوهان مڙني کي ضرور سوريءَ چاڙهيندس. چيائون ته بيشڪ اسان پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽندڙ آهيون.

مُنۡقَلِبُوۡنَ ﴿١٢٥﴾ ۚ وَمَا تَنۡقِمُ مِنَّاۤ اِلَّاۤ اَنۡ اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا جَآءَتۡنَا ؕ

وڃڻا آهيون. ۽ تون رڳو وير تو وٺين اسان کان جو ايمان آندو سون پنهنجي رب جي نشانين تي جڏهن آيون اسان وٽ

۽ تون رڳو هن ڪري اسان سان وير تو رکين ته، اسان جي پالڻهار جا حڪم جڏهن اسان وٽ آيا (تڏهن) اسان مڃيا آهن.

رَبَّنَاۤ اَفۡرِغۡ عَلَيۡنَا صَبۡرًا وَّتَوَفَّنَا مُسۡلِمِيۡنَ ﴿١٢٦﴾ ۧ وَقَالَ الۡمَلَاُ مِنۡ ع ١٤ ١٨ ٤

اي رب اسان جا پرٽ اسان تي صبر ۽ مار اسان کي مسلمان ڪري. ۽ چيو سردارن

اي اسان جا پالڻهار! اسان تي صبر پلٽ ۽ اسان کي مسلمان ڪري مار. ۽ فرعون جي قوم جي سردارن (کيس)

قَوۡمِ فِرۡعَوۡنَ اَتَذَرُ مُوۡسٰى وَقَوۡمَهٗ لِيُفۡسِدُوۡا فِى الۡاَرۡضِ

قوم فرعون جي ڇا تون ڇڏين ٿو موسيٰ کي ۽ سندس ماڻهن کي ته ڦيل وگوڙ وجهن ملڪ ۾

چيو ته موسيٰ ۽ سندس قوم کي هن لاءِ ڇڏي ڏئين ٿو ڇا؟ ته ملڪ ۾ فساد وجهن ۽ توکي ۽ تنهنجي معبودن

وَيَذَرَكَ وَاٰلِهَتَكَ ؕ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبۡنَآءَهُمۡ وَنَسۡتَحۡىٖ نِسَآءَهُمۡ ۚ

۽ ڦٽو ڪن توکي ۽ تنهنجي بتن کي. چيائين هينئر قتل ڪا ڪريون انهن جا پٽ ۽ جيئريون ڇا رکون انهن جو ڌيئون،

(جي عبادت) کي ڇڏي ڏين؟ چيائين ته سندن پٽ سگهوئي کهنداسون ۽ سندن ڌيئرون جيئريون ڇڏي ڏينداسون،

وَاِنَّا فَوۡقَهُمۡ قٰهِرُوۡنَ ﴿١٢٧﴾ قَالَ مُوۡسٰى لِقَوۡمِهِ اسۡتَعِيۡنُوۡا بِاللّٰهِ وَ

۽ اسين انهن تي آڪرا آهيون. چيو موسيٰ پنهنجي قوم کي مدد گهُرو الله کان ۽

۽ اسين سندن مٿان بيشڪ زور وارا آهيون. موسيٰ پنهنجيءَ قوم کي (دلگير ڏسي) چيو ته الله کان مدد گهرو ۽ صبر

اصۡبِرُوۡا ۚ اِنَّ الۡاَرۡضَ لِلّٰهِ ۙ قف يُوۡرِثُهَا مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ ؕ وَ

سهپ ڪريو، بيشڪ ڌرتي الله جي آهي وارث ڪري ان جو جنهن کي گهُري پنهنجي ٻانهن مان، ۽

ڪريو، ڇو ته ساري زمين الله جي آهي پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي ان جو وارث بڻائيندو آهي،

الۡعَاقِبَةُ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿١٢٨﴾ قَالُوۡۤا اُوۡذِيۡنَا مِنۡ قَبۡلِ اَنۡ تَاۡتِيَنَا وَمِنۡۢ

پڇاڙي آهي پرهيزگارن جي. چيائون آزار سٺاسون هن کان اڳ جو آئين تون اسان وٽ ۽ هن کان

۽ (چڱي) عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي. چيائون ته، اسين تنهنجي اچڻ کان اڳ (بہ) ۽ تنهنجي اچڻ کان پوءِ (بہ) ايذايا ويا آهيون.

بَعْدِ مَا جِئْتَنَا ؕ قَالَ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّهْلِكَ عَدُوَّكُمْ

پوءِ بہ جو آئين اسان وٽ، چيائين سگهو ئي رب توهان جو تباهہ ڪندو توهان جي دشمن کي

موسيٰ جيئن تہ اميد آهي تہ اوهان جو پالڻهار اوهان جي دشمن کي ناس ڪري ڇڏيندو

ع١٥ وَيَسْتَخْلِفَكُمْ فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٩﴾ ع وَلَقَدْ

۽ مالڪ بنائيندو توهان کي ملڪ جو پوءِ ڏسندو تہ ڪيئن ٿا ڪم ڪريو. ۽ برابر

۽ ملڪ ۾ اوهان کي پيڙهيءَ تي وهاريندو پوءِ ڏسندو تہ (اوهين) ڪهڙي طرح عمل ٿا ڪريو؟ ۽ بيشڪ

اَخَذْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ

پڪڙيوسون فرعون وارن کي ڏڪار سان ۽ نقصان سان ميون ۾ تہ من اهي

فرعون جي قوم کي ڏڪار ۽ ميون جي گهٽتائي ۾ گرفتار ڪيوسون تہ مَن اهي نصيحت وٺن.

يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاِذَا جَآءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ قَالُوْا لَنَا هٰذِهٖ ۚ وَاِنْ

نصيحت وٺن. پوءِ جڏهن آئي انهن وٽ چڱائي چيائون هي اسان جو ڀاڳ آهي، ۽ جيڪڏهن

پوءِ جڏهن انهن کي سک پهتو ٿي تڏهن چيائون ٿي تہ هيءَ اسان جو (حق) آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪو

تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّطَّيَّرُوْا بِمُوْسٰى وَمَنْ مَّعَهٗ ؕ اَلَآ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمْ

پهچي انهن کي بڇڙائي تہ نياڳ ڇوڻ پيا موسيٰ ۽ ان جي سنگت جو، خبردار رهو نياڳ انهن جو ئي آهي

ڏک پهچندو هو تہ موسيٰ ۽ سندس سنگت کي نياڳو پائيندا هئا. خبردار! الله وٽ تہ سندين ئي نياڳائي آهي.

عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣١﴾ وَقَالُوْا مَهْمَا تَاْتِنَا

الله وٽ پر گهڻا انهن جا نہ ٿا سمجهن. ۽ چيائون جيڪا بہ آڻيندين اسان

پر منجهانئن گهڻا نہ ٿا ڄاڻن. ۽ چيائون تہ (اي موسيٰ) جڏهن بہ ڪا نشاني اسان وٽ هن لاءِ

بِهٖ مِنْ اٰيَةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا ۙ فَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٢﴾

وٽ ڪا نشاني جيئن جادو ڪرين اسان تي ان سان، پوءِ بہ اسان توکي نہ مڃيندا سون.

آڻيندين تہ ان سان اسان تي جادو ڪرين تہ اسين توکي مڃڻ وارا نہ آهيون.

فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الطُّوْفَانَ وَالْجَرَادَ وَالْقُمَّلَ وَالضَّفَادِعَ

پوءِ لاٿوسون انهن تي طوفان ۽ ماڪڙ ۽ جونءِ ۽ ڏيڏر

پوءِ متن طوفان ۽ ماڪڙ ۽ جوئان ۽ ڏيڏر ۽ رت. ڪليل معجزا

وَالدَّمَ اٰيٰتٍ مُّفَصَّلٰتٍ ۫ فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿١٣٣﴾

۽ رت، نشانيون جدا جدا. پوءِ بہ وڏائي ڪندا رهيا ۽ هئا ماڻهو ڏوهاري.

موڪلياسون پوءِ بہ وڏائي ڪيائون ۽ (اهي) ڏوهاري قوم هئي.

وَلَمَّا وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوْا يٰمُوْسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا

۽ جڏهن پوي پيو انهن تي عذاب تہ چون پيا اي موسيٰ دعا گهُر اسان لاءِ پنهنجي رب کان جيئن

۽ جڏهن مٿن سزا پهتي ٿي (تڏهن) چيائون ٿي تہ اي موسيٰ! پنهنجي پالڻهار کان انهيءَ وعدي سان جو

عَهِدَ عِنْدَكَ ۚ لَئِنْ كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَلَنُرْسِلَنَّ

پولي اٿس توسان، جيڪڏهن تون لاهي وٺين اسان کان عذاب تہ ضرور ايمان آڻينداسون توتي ۽ ضرور ڇڏينداسون

توسان ڪيو اٿس اسان لاءِ دعا گهر تہ جيڪڏهن اسان تان عذاب لاٿءِ تہ توتي ضرور ايمان آڻينداسين ۽ بني اسرائيل کي (بہ)

مَعَكَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٣٤﴾ ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ اِلٰٓى

توسان گڏ بني اسرائيل کي. پوءِ جڏهن لاٿوسون انهن کان عذاب ڪجهہ

ضرور توسان هلڻ (جي موڪل) ڏينداسون. پوءِ جنهن مهل عذاب، جيڪو ڪين ٺهرايل مدت تائين اِنهيءَ ڪري پهچڻو هو سو ڪائن

اَجَلٍ هُمْ بٰلِغُوْهُ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ ﴿١٣٥﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَاَغْرَقْنٰهُمْ

وقت تائين جو اهي ان کي پهچندڙ هئا تہ پوءِ انهن انجام ڀڃي ڇڏيو. پوءِ بدلو ورتوسون انهن کان، ۽ ٻوڙيوسون ڪين

لاٿوسون ٿي (تنهن مهل) اتي جو اتي انهن انجام ڀڳو ٿي. پوءِ اسان ڪائڻ پورو وير ورتو جو انهن کي سمنڊ ۾ انهيءَ

فِى الْيَمِّ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٣٦﴾

پاڻيءَ ۾ جو اهي ڪوڙو ڪندا هئا اسان جي آيتن کي ۽ هئا انهن کان غفلت ڪندڙ.

ڪري ٻوڙيوسون جو انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو ۽ انهن کان بي خبر هئا.

وَاَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ الْاَرْضِ

۽ مالڪ بڻايوسون انهيءَ قوم کي جي ڪمزور ڪيا ويا هئا اڀرندن ان ملڪ جي ۾

۽ اها قوم جيڪا هيٺي هئي تنهن کي انهيءَ اوير ۽ اولهہ جي زمين (يعني شام ۽ مصر) جو وارث ڪيوسون

وَمَغَارِبَهَا الَّتِىْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ۗ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ الْحُسْنٰى

۽ الهندن ۾ جن ۾ اسان برڪت رکي هئي، ۽ پورو ٿيو وعدو تنهنجي رب جو سهڻو

جنهن ۾ برڪت رکي هئي سون، ۽ تنهنجي پالڻهار جو بني اسرائيلن سان چڱو انجام اِنهي سببان پورو ٿيو جو

عَلٰى بَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ۬ بِمَا صَبَرُوْا ۗ وَدَمَّرْنَا مَا كَانَ يَصْنَعُ

بني اسرائيل تي، جو صبر ڪيائون، ۽ اسان ويران ڪيو ان کي جيڪي ٺاهيندو هو

صبر ڪيائون، ۽ فرعون ۽ سندس قوم جيڪي بڻايو ۽ جيڪا (اڏاوت) بلند ڪيئي هئائون

فِرْعَوْنُ وَقَوْمُهٗ وَمَا كَانُوْا يَعْرِشُوْنَ ﴿١٣٧﴾ وَجٰوَزْنَا بِبَنِىْٓ اِسْرَآءِيْلَ

فرعون ۽ ان جي قوم ۽ جيڪي ڇتيون ٺاهيندا هئا. ۽ اڪاريوسون بني اسرائيل کي

سا (سڀ) ناس ڪري ڇڏي سون. ۽ بني اسرائيلن کي سمنڊ کان پار ٽپايوسون پوءِ اهي

الْبَحْرَ فَاَتَوْا عَلٰی قَوْمٍ یَّعْكُفُوْنَ عَلٰۤی اَصْنَامٍ لَّهُمْ ۚ قَالُوْا

درياءَ کان پوءِ آيا اهڙي قوم تي جو اهي پوڄين پيا بتن پنهنجن کي، چيائون

هڪڙي اهڙي قوم تي پهتا جو پنهنجن بتن جا مجاور هئا (موسيٰ کي) چيائون ته اي موسيٰ!

يٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَآ اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ اٰلِهَةٌ ؕ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ

او موسيٰ ٺاهه اسان لاءِ به خدا جئن انهن جا آهن خدا، چيائين توهان ماڻهو

اسان لاءِ (به) هڪڙو اهڙو معبود بڻاءِ جهڙا هنن لاءِ معبود آهن. (موسيٰ) چيو ته پڪ اوهين جاهل قوم آهيو.

تَجْهَلُوْنَ ۝١٣٨ اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ فِيْهِ وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝١٣٩

بي عقل آهيو. بيشڪ اهي ماڻهو برباد ٿيڻ واري طريقي تي آهن ۽ ڪوڙو آهي جيڪو عمل ٿا ڪن.

بيشڪ هي ماڻهو پاڻ جنهن (مذهب ۾ پيل) آهن سو برباد ٿيل آهي ۽ جيڪي ڪندا رهندا آهن سو باطل آهي.

قَالَ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ۝١٤٠

چيائين ڇا الله کان سواءِ ڳوليان توهان لاءِ ٻيو خدا حالانڪ انهيءَ اوهان کي ڀلارو ڪيو جهان وارن تي.

موسيٰ چيو ته. الله کان سواءِ هن هوندي به اوهان لاءِ ٻيو معبود ڇو ڳوران جو اُن اوهان کي جهانن جي ماڻهن کان ڀلو ڪيو آهي؟.

وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ۚ

۽ جڏهن ڇڏايوسون توهان کي فرعون وارن کان جو اهي ڏيندا هئا توهان کي بڇڙو عذاب

۽ (ياد ڪريو) جڏهن اوهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇڏايوسون جن اوهان کي بڇڙو عذاب چکايو ٿي،

يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَيَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ

ڪهندا هئا توهان جي پٽن کي ۽ جيئرو رکندا هئا توهان جي ڌيئن کي ۽ انهيءَ ڇڏائڻ ۾ احسان اتو توهان جي

هو اوهان جا پٽ ڪُهندا هئا ۽ اوهان جون ڌيئرون جيئريون ڇڏيندا هئا ۽ اُن ۾ اوهان جي پالڻهار کان اوهان لاءِ

ع ١٦ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ۝١٤١ وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا

رب جو وڏو. ۽ وعدو ڪيوسون موسيٰ سان ٽيهن راتين جو ۽ پورو ڪيوسون انهن کي

وڏي پرک هئي.۽ موسيٰ کي ٽيهن راتين جو انجام ڏنوسون ۽ انهيءَ کي (ٻين) ڏهن سان پورو ڪيوسون

بِعَشْرٍ فَتَمَّ مِيْقَاتُ رَبِّهٖۤ اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ۚ وَقَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ

ڏهن سان پوءِ پورو ٿيو وعدي جو وقت سندس رب جو چاليهه راتيون، ۽ چيو موسيٰ پنهنجي ڀاءُ

۽ سندس پالڻهار جو انجام چاليهن راتين جو پورو ٿيو، ۽ موسيٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو

هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَاَصْلِحْ وَلَا تَتَّبِعْ سَبِيْلَ الْمُفْسِدِيْنَ ۝١٤٢

هارون کي پٺيان سنڀال منهنجي قوم کي ۽ سڌارو آڻ ۽ نه وٺجانءِ رستو فساد ڪندڙن جو.

ته منهنجي قوم ۾ منهنجي پوئتان خليفو ٿيءُ ۽ سڌارو ڪج ۽ فسادين جي واٽ تي نه هلج!

وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ

۽ جڏهن آيو موسيٰ اسان جي وعدي تي ۽ ڳالهايو ان سان سندس رب، چيائين منهنجا رب! ڏيکارينم تہ ڏسان

۽ جنهن مهل موسيٰ اسان جي انجام واري هنڌ آيو ۽ سندس پالڻهار ساڻس ڳالهايو (تنهن مهل) چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار!

اِلَيْكَ ؕ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ

توڏانهن، فرمايائين هرگز نہ ڏسي سگهندين مونکي پر نظر ڪر جبل ڏانهن پوءِ جيڪڏهن اهو بيٺو

مون کي پاڻ ڏيکار تہ آءٌ توکي ڏسان! (الله) چيو تہ، مون کي ڪڏهن نہ ڏسي سگهندين پر جبل ڏانهن نهار! پوءِ جيڪڏهن هن

مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا تَجَلّٰى رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا

پنهنجي جاءِ تي تہ تون بہ ڏسندين مون کي، پوءِ جڏهن ڏيکاري ڏني ان جي رب جبل کي تہ ڪيائين ان کي پورا پورا

پنهنجي جاءِ تي ٽڪاءُ ڪيو تہ تون مون کي ڏسي سگهندين، پوءِ جنهن مهل سندس پالڻهار جبل ڏانهن تجلو ڪيو (تنهن مهل) ان کي ٽڪر ٽڪر

وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّآ اَفَاقَ قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ

۽ ڪِري پيو موسيٰ بيهوش ٿي، پوءِ جڏهن هوشيار ٿيو چيائين تون پاڪ آهين آءٌ رجوع ٿيس توڏانهن

ڪري ڇڏيائين ۽ موسيٰ بيهوش ٿي ڪِري پيو، پوءِ جنهن مهل هوش ۾ آيو (تنهن مهل) چوڻ لڳو تہ، توکي پاڪائي جڳائي تنهنجي درگاه ۾ توبهہ ڪيم

وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٤٣﴾ قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى

۽ آءٌ پهريون مڃيندڙ آهيان. چيائين اي موسيٰ! مون چُونڊيو آهي توکي

۽ آءٌ (سڀ کان) پهريون مؤمن آهيان. (الله) فرمايو تہ اي موسيٰ! مون توکي پنهنجي پيغمبريءَ ۽ پنهنجي ڳالهائڻ سان

النَّاسِ بِرِسٰلٰتِيْ وَبِكَلَامِيْ ۖ فَخُذْ مَآ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ

ماڻهن تي پنهنجي پيغامن سان ۽ پنهنجي ڳالهائڻ سان، پوءِ وٺُ جيڪي ڏنم توکي ۽ ٿيءُ

ماڻهن کان پلارو ڪيو آهي، جيڪو (توريت) توکي ڏنو اٿم سو وٺ ۽ شڪر ڪندڙن مان هج.

مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٤٤﴾ وَكَتَبْنَا لَهٗ فِى الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْعِظَةً

شڪرگذارن مان. ۽ لکي سون انهيءَ لاءِ ڦرهين ۾ هر قسم جي نصيحت

۽ ان (موسيٰ) لاءِ سڀ ڪنهن شيءِ جي نصيحت واسطي ۽ سڀ ڪنهن شيءِ جي ڌارو ڌار بيان واسطي

وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا

۽ ڪليل بيان هر شيءِ جو، پوءِ وٺ انهن کي مضبوطي سان ۽ حڪم ڪر پنهنجي قوم کي تہ وٺن انهن جي

(توريت) تختين ۾ لکي ڏنوسون، (۽ چيو ويس) تہ ان کي پختائيءَ سان وٺ ۽ پنهنجي قوم کي حڪم ڪر تہ ان جون

بِاَحْسَنِهَا ؕ سَاُورِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿١٤٥﴾ سَاَصْرِفُ عَنْ اٰيٰتِيَ

سٺين ڳالهين کي، جلد ڏيکاريندم توهان کي گهر ڏوهارين جو. آءٌ ڦيري ڇڏيندس پنهنجين آيتن کان

چڱيون ڳالهيون (عمل ۾) وٺندا رهن. اوهان کي بدڪارن جي جاءِ سگهو ڏيکاريندس. جيڪي زمين ۾ ناحق وڏائي ڪندا رهندا آهن تن کي

الَّذِيْنَ يَتَكَبَّرُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ
انهن کي جيڪي وڏائي ٿا ڪن ڌرتي تي ناحق، ۽ جيڪڏهن ڏسندا هر
سگهو پنهنجين آيتن (جي سمجهه) کان جهليندس، ۽ جيڪڏهن سڀ نشانيون ڏسندا ته (به) اُنهن تي ايمان نه

اٰيَةٍ لَّا يُؤْمِنُوْا بِهَا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ
نشاني ته به نه ايمان آڻيندا ان تي، ۽ جيڪڏهن ڏسندا راهه هدايت جي ته نه وٺندا ان کي
آڻيندا، ۽ جيڪڏهن هدايت جي واٽ ڏسندا ته ان کي واٽ نه بڻائيندا، ۽ جيڪڏهن

سَبِيْلًا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الْغَيِّ يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ؕ ذٰلِكَ
رستو ڪري، ۽ جيڪڏهن ڏسندا رستو گمراهيءَ جو بڻائيندا ان کي رستو، اهو
گمراهيءَ جي واٽ ڏسندا ته ان کي واٽ بڻائيندا، اهو هن سببان آهي جو اسان جي آيتن کي

بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٤٦﴾ وَالَّذِيْنَ
هن ڪري جو ڪوڙو ڪيوائون اسان جي آيتن کي ۽ هئا انهن کان بي خبر. ۽ جن
ڪوڙ ڀانيائون ۽ اُنهن کان غافل رهيا هئا. ۽ جن اسان جي آيتن کي ۽ آخرت جي ملڻ کي

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ؕ هَلْ يُجْزَوْنَ
ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ ملاقات آخرت جي کي اڪارت ٿيا عمل انهن جا، رڳو بدلو ڏنا ويندا
ڪوڙ ڄاتو تن جا اعمال ناس ٿيا، جيڪي ڪمائيندا آهن تنهن کان سواءِ بيو

اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٧﴾ ع وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى مِنْۢ بَعْدِهٖ
جيڪي عمل ڪيائون. ۽ ٺاهيو موسيٰ جي قوم انهيءَ کان پويان
ڪو بدلو نه ڏبن. ۽ موسيٰ جي قوم ڪانئس پوءِ، اُنهن (قبطين) جي زيورن مان

مِنْ حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ ؕ اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ لَا يُكَلِّمُهُمْ
پنهنجن ڳهڻن مان گابو بوتو جنهن کي هئي رنڀ، ڇا نه ڏٺائون ته اهو ڪونه پيو ڳالهائي انهن سان
گابي جو بوتو اهڙو ناهي ورتو جنهن کي رنڀ هئي، نه ٿي ڏٺائون ڇا ته اهو ساڻن نه ڳالهائيندو هو

وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا ۘ اِتَّخَذُوْهُ وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿١٤٨﴾ وَلَمَّا
۽ نڪي هدايت پيو ڪرين رستي جي، بڻايائون ان کي خدا ۽ هئا ظالم. ۽ جڏهن
۽ نڪي انهن کي ڪا واٽ ڏيکاريندو هو؟ اُن کي (خدا ڪري) ورتائون ۽ ظالم هئا. ۽ جڏهن

وقف لازم

سُقِطَ فِيْٓ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا ۙ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ
وڃي انهن جي هٿن کان ۽ ڏٺائون پاڻ کي گمراهه، چيائون جيڪڏهن نه
پنهنجي هٿان وين (يعني پشيمان ٿيا) ۽ سمجهيائون ته اُهي پڪ گمراهه ٿيا، (تڏهن) چيائون ته جيڪڏهن

يَرْحَمْنَا رَبُّنَا وَيَغْفِرْ لَنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿١٤٩﴾ وَلَمَّا رَجَعَ
رحم ڪيو اسان تي اسان جي رب ۽ نه بخشيائين ته ضرور ٿينداسون نقصان وارن مان. ۽ جڏهن موٽيو
اسان جو پالڻهار اسان تي ٻاجهه نه ڪندو ۽ اسان کي نه بخشيندو ته ضرور ٽوٽي وارن مان ٿينداسون! ۽ جڏهن

مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۙ قَالَ بِئْسَمَا خَلَفْتُمُوْنِيْ
موسى پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙيل افسوس ڪندڙ چيائين تمام بڇڙي ڪئي اٿو پوئواري منهنجي
موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڏمريل افسوس ڪندڙ ٿي موٽيو (تڏهن) چيائين ته جيڪي منهنجي پريٺ مون کان پوءِ ڪيو

مِنْۢ بَعْدِيْ ۚ اَعَجِلْتُمْ اَمْرَ رَبِّكُمْ ۚ وَاَلْقَى الْاَلْوَاحَ وَاَخَذَ
مون کان پوءِ، ڇا اُڳرائي ڪئي توهان پنهنجي رب جي حڪم کان، ۽ اڇلايائين ڦرهيون ۽ ورتائين
سو بڇڙو آهي، پنهنجي پالڻهار جي حڪم کان (اڳ) ڇو تڪڙ ڪيو؟ ۽ ڦرهيون اڇليائين ۽ پنهنجي ڀاءُ جي

بِرَاْسِ اَخِيْهِ يَجُرُّهٗٓ اِلَيْهِ ۭ قَالَ ابْنَ اُمَّ اِنَّ الْقَوْمَ اسْتَضْعَفُوْنِيْ
وارن کان پنهنجي ڀاءُ کي، ڇڪيس پيو پاڻ ڏانهن، چيو(هارون) امڙ جا پٽ! بيشڪ ماڻهن ڪمزور ڄاتو مون کي
مٿي (جي وارن) کان وٺي کيس پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو، (هارون) چيو ته اي منهنجا ڀاءُ! بيشڪ (هن) قوم مون کي هيٺو ڀانيو

وَكَادُوْا يَقْتُلُوْنَنِيْ ڮ فَلَا تُشْمِتْ بِيَ الْاَعْدَاۗءَ وَلَا تَجْعَلْنِيْ
۽ مارڻ تي هئا مون کي، سو نه کِلاءِ مون تي دشمن ۽ نه ڳڻيو مون کي
۽ منهنجي مارڻ تي سنبريا، تنهن ڪري مون تي دشمن نه کِلاءِ ۽ نڪي مون کي ظالم قوم سان ڳڻ.

مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٥٠﴾ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِاَخِيْ وَاَدْخِلْنَا
ماڻهن مشرڪن سان. چيو (موسيٰ) رب منهنجا! بخش مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي ۽ داخل ڪر اسان کي
(موسيٰ) چيو ته اي منهنجا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي ڀاءُ کي بخش ۽ اسان کي پنهنجي ٻاجهه ۾ داخل ڪر.

فِيْ رَحْمَتِكَ ڮ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿١٥١﴾ ع اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ
پنهنجي رحمت ۾ ۽ تون ئي سڀ کان وڌ ٻاجهارو آهين. بيشڪ جن ماڻهن بڻايو هو ڳابي کي
۽ تون (سڀني) ٻاجهه وارن کان وڌيڪ ٻاجهارو آهين. جن ڳابي کي (خدا ڪري) ورتو تن کي سندن پالڻهار وٽان

سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ وَكَذٰلِكَ
پهچندو انهن کي غضب سندن رب جو ۽ ذلت دنيا جي حياتي ۾، ۽ اهڙي طرح
ڏمر ۽ دنيا جي حياتيءَ ۾ خواري سگهو پهچندي، ۽ اهڙي طرح ناهه ناهيندڙن کي سزا ڏيندا آهيون.

نَجْزِي الْمُفْتَرِيْنَ ﴿١٥٢﴾ وَالَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ
سزا ڏيندا آهيون ڪوڙ ناهيندڙن کي. ۽ جن ڪم ڪيا بڇڙا پوءِ توبهه ڪيائون ان
۽ (اي پيغمبر!) جن بڇڙا ڪم ڪري وري ان کان پوءِ توبهه ڪيائون ۽ ايمان آندائون

بَعْدِهَا وَاٰمَنُوْٓا ۡ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٥٣﴾ وَلَمَّا

كان بعد ۽ ايمان آندائون تہ رب تنهنجو ان کان پوءِ بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ جڏهن

(تن کي) تنهنجو پالڻهار ان (توبهہ) کانپوءِ بخشڻهار مهربان آهي. ۽ جڏهن موسيٰ جو ڏمر

سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى الْغَضَبُ اَخَذَ الْاَلْوَاحَ ۖۚ وَفِيْ نُسْخَتِهَا

لٿو موسيٰ کان غصو تہ کنيائين ڦرهيون ۽ ان جي لکثي ۾ هئي

لٿو تڏهن (توريت جون) ڦرهيون (ڪٽي) ورتائين، ان جي لکيي ۾ انهن لاءِ هدايت ۽ ٻاجھ هئي،

هُدًى وَّرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ يَرْهَبُوْنَ ﴿١٥٤﴾ وَاخْتَارَ مُوْسٰى

هدايت ۽ رحمت انهن لاءِ جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن پيا. ۽ چونڊيا موسيٰ

جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن. ۽ موسيٰ پنهنجي قوم مان ستر ڄڻا اسان جي (ملاقات جي) انجام لاءِ

قَوْمَهٗ سَبْعِيْنَ رَجُلًا لِّمِيْقَاتِنَا ۚ فَلَمَّآ اَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ قَالَ

پنهنجي قوم جا ستر ماڻهو اسان جي وعدي لاءِ پوءِ جڏهن ورتو انهن کي زلزلي چيائين

چونڊيا، پوءِ جنهن مهل انهن کي زلزلي ورتو (تڏهن موسيٰ) چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! جيڪڏهن (تون)

رَبِّ لَوْ شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَاِيَّايَ ۭ اَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ

منهنجا رب! جيڪڏهن گھرين ها تہ مارين ها انهن کي هن کان اڳ ۽ مون کي بہ، ڇا تون مارين ٿو اسان کي ان ڪري جو ڪيو

گھرين ها تہ هن کان اڳ انهن کي ۽ خاص مون کي هلاڪ ڪري ڇڏين ها، اسان منجهان بي عقلن جيڪي ڪيو

السُّفَهَاۗءُ مِنَّا ۚ اِنْ هِيَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ۭ تُضِلُّ بِهَا مَنْ تَشَاۗءُ وَ

بيوقوفن اسان جي، اهو رڳو امتحان آهي تنهنجو، گمراهہ ڪرين انهي سان جنهن کي چاهين ۽

تنهن سببان اسان کي ڇو ٿو هلاڪ ڪرين؟ اهو تنهنجي پرک (حڪمت) کان سواءِ نہ آهي، جنهن کي گھرين تنهن کي ان سان گمراهہ ڪندو آهين

تَهْدِيْ مَنْ تَشَاۗءُ ۭ اَنْتَ وَلِيُّنَا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ

هدايت ڪرين جنهن کي گھرين، تون آهين اسان جو مالڪ پوءِ بخش اسان کي ۽ ٻاجھ ڪر اسان تي ۽ تون ڀلو

۽ جنهن کي گھرين تنهن کي (ان سان) هدايت ڪندو آهين، تون اسان جو سنڀاليندڙ آهين تنهن ڪري اسان کي بخش ۽ اسان تي ٻاجھ ڪر ۽ تون

الْغٰفِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾ وَاكْتُبْ لَنَا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ

بخشيندڙ آهين. ۽ لک اسان لاءِ هن دنيا ۾ ڀلائي ۽ آخرت ۾

(سڀ کان) اچو بخشيندڙ آهين. ۽ اسان لاءِ هن دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ چڱائي لک ڇو تہ اسين تو ڏانهن رجوع ٿيا آهيون.

اِنَّا هُدْنَآ اِلَيْكَ ۭ قَالَ عَذَابِيْٓ اُصِيْبُ بِهٖ مَنْ اَشَاۗءُ ۚ وَرَحْمَتِيْ

بيشڪ اسان موٽيا آهيون تو ڏانهن، چيائين عذاب پنهنجو وجهندو آهيان جنهن تي گھران، ۽ رحمت منهنجي

(الله) فرمايو تہ آءٌ پنهنجو عذاب جنهن لاءِ وڻندو اٿم تنهن کي پهچائيندو آهيان، ۽ منهنجي ٻاجھ

وَسِعَتْ كُلَّ شَيْءٍ ؕ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ

شامل آهي هر شيء تي، پوءِ اها لکندس انهن لاءِ جيڪي ڊڄندا ۽ ڏيندا زڪوات

سڀ ڪنهن شيء کي شامل آهي، پوءِ آءٌ پنهنجي ٻاجهه انهن لاءِ لکندس جيڪي پرهيزگاري ڪندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٦﴾ اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ

۽ جيڪي اهي اسان جي آيتن تي ايمان آڻيندا. اهي جيڪي پيروي ڪندا انهيءَ رسول

۽ جيڪي منهنجي آيتن تي ايمان آڻيندا آهن. (۽ پڻ آخرت جي رحمت انهن لاءِ لکندس) جيڪي انهيءَ نبي اُمي پيغمبر جي

النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ

نبيءَ، مڪي واري جي جنهن کي لهن ٿا لکيل پاڻ وٽ توراتِ

تابعداري ڪندا آهن جنهن جون وصفون توريت ۽ انجيل ۾ پاڻ وٽ لکيلون لهندا آهن (اهو)

وَالْاِنْجِيْلِ ؗ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ

۽ انجيل ۾، اهو حڪم ڪندو انهن کي چڱن ڪمن جو ۽ جهليندو انهن کي بڇڙاين کان ۽

انهن کي چڱن ڪمن جو حڪم ڪندو آهي ۽ بڇڙن ڪمن کان انهن کي جهليندو آهي ۽

يُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ

حلال ڪندو انهن لاءِ پاڪ شيون ۽ حرام ڪندو انهن لاءِ پليت شيون ۽ لاهيندو انهن کان

سُٺيون شيون انهن لاءِ حلال ڪندو آهي ۽ پليت شيون مٿن حرام ڪندو آهي ۽ سندن ڳرو بار ۽ جيڪي تڪليفون

اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ

بار انهن جا ۽ اهي ڳٽ جيڪي انهن تي آهن، پوءِ جن ايمان آندو ان تي ۽ سات ڏنائون ان جو

مٿن هيون سي ڪائڻ لاهيندو آهي، پوءِ جن اُن تي ايمان آندو ۽ سندس تعظيم ڪئي ۽ مدد ڏنائون

وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٥٧﴾ ع ١٩ ٩

۽ مدد ڪيائون ان جي ۽ تابع ٿيا ان نور جا جيڪو لاٿو ويو انهيءَ سان گڏ اهي ئي ڪامياب آهن.

۽ انهيءَ نور (ڪلام الله) جي تابعداري ڪيائون جيڪو ساڻس لاٿو ويو سي ئي ڇٽل آهن.

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعَا ۨ الَّذِيْ لَهٗ

چؤ اي انسانو! بيشڪ آءٌ رسول آهيان الله جو توهان سڀني ڏانهن جنهن جي

(اي پيغمبر!) چئو ته، اي انسانو! آءٌ اوهان مڙني ڏانهن اُن الله جو پيغمبر (ٿي آيو) آهيان جنهن جي آسمانن ۽ زمين ۾

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۠ فَاٰمِنُوْا

حڪومت آهي آسمانن ۽ زمين ۾، ڪانهي ٻندگي انهيءَ ڪان سواءِ اهو جياري ٿو ۽ ماري ٿو پوءِ ايمان آڻيو

بادشاهي آهي، اُن الله کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق نه آهي اهو جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي، تنهن

بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ

الله تي ۽ ان جي موڪليل نبي امي تي جو آهو ايمان رکي ٿو الله ۽ ان جي حڪمن تي

ڪريو الله ۽ سندس انهيءَ پيغمبر امي نبي تي ايمان آڻيو جيڪو الله ۽ سندس حڪمن کي مڃيندو آهي ۽

وَاتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٨﴾ وَمِنْ قَوْمِ مُوْسٰٓى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ

۽ اوهين تابع ٿيو انهيءَ جا جيئن هدايت وٺو. ۽ موسيٰ جي قوم مان ڪي ماڻهو هدايت ڪن ٿا

ان جي تابعداري ڪريو ته مَنَ اوهين سڌي واٽ لهو. ۽ موسيٰ جي قوم مان هڪ اهڙي ٽولي آهي جا (ماڻهن کي) سڌو رستو

بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٩﴾ وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا اُمَمًا ط وَ

حق جي ۽ ان موجب عدالت ڪن ٿا. ۽ جدا ڪيو سون انهن کي ٻارهن قبيلن ۾ جماعتون ڪري، ۽

ڏيکاريندي آهي ۽ (آهي) ان سان انصاف تي هلندا آهن. ۽ بني اسرائيلن مان ٻارهن ڀاڱا ٽولين ڪري جدا ڪياسون. ۽ جڏهن

اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اِذِ اسْتَسْقٰىهُ قَوْمُهٗٓ اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ

حڪم ڪيو سون موسيٰ کي جڏهن گهريو پاڻي ان کان سندس قوم ته ڏڪ هڻ لٺ پنهنجي سان

موسيٰ کان سندس قوم پاڻي گهريو تڏهن ڏانهس وحي موڪليوسون ته پنهنجي لٺ پهڻ کي هڻ. پوءِ

الْحَجَرَ ج فَانْۢبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ط قَدْ عَلِمَ كُلُّ اُنَاسٍ

پاهڻ کي، پوءِ ڦٽي نڪتا ان مان ٻارهن چشما، سڃاڻي ورتو هر قبيلي

(هنيائين ته) ان مان ٻارهن چشما ڦٽي وڙها بيشڪ سڀ ڪنهن ماڻهو پنهنجي پاڻي پرڻ جي جاءِ

مَّشْرَبَهُمْ ط وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا عَلَيْهِمُ الْمَنَّ وَ

پنهنجي پيچ کي ۽ ڇانوَ ڪئي سون انهن تي ڪڪر جي ۽ اسان لاٿو انهن تي مَنُّ ۽

جاتي ٿي ۽ اسان مٿن ڪڪر جي ڇانوَ ڪئي ۽ مٿن مَن ۽ سلويٰ لاٿاسون. (۽ چيوسون ته)

السَّلْوٰى ط كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ط وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْٓا

سلويٰ، کائو پاڪ شيون جيڪا روزي ڏني سون توهان کي، ۽ نه ڪس لاٿائون اسان کي پر پنهنجو

جيڪا اوهان جي سٺي روزي بڻائي اٿئون تنهن مان کائو. ۽ اسان جو ڪجهه نه وڃايائون پر

اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ وَاِذْ قِيْلَ لَهُمُ اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَكُلُوْا

پاڻ کي ڪُسَ لاٿائون. ۽ جڏهن حڪم ٿيو انهن کي ته رهو هن شهر ۾ ۽ کائو

پاڻ کي نقصان ٿي لاٿائون. ۽ جڏهن انهن کي چيو ويو ته هن ڳوٺ ۾ وڃي ٽڪو ۽ منجهانئس جتان وڻيو

مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ وَقُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا نَّغْفِرْ

ان مان جتان وڻيو ۽ چئو بخش اسان کي ۽ داخل ٿيو دروازي کان سجدو ڪندي ته بخشينداسون

تتان کائو ۽ چئو ته "بخش (ڪر)" ۽ دروازي کان سجدو ڪندڙ ٿي لنگهو ته اوهان کي اوهان جون

لَكُمْ خَطِيْٓـٰٔتِكُمْ ؕ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٦١﴾ فَبَدَّلَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ

توهان کي گناهہ توهان جا، اجهو وڌائيندا سون چڱائي ڪندڙن کي، پوءِ بدلايو انهن جن ظلم ڪيو انهن مان

خطائون بخشيون. ڀلارن کي سگهو وڌيڪ (چڱائي) ڏينداسون. پوءِ اُنهن (بني اسرائيلن) مان جيڪي ظالم هئا

قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ

لفظ ٻيو ان کان سواءِ جو کين چيو ويو پوءِ موڪليو سون انهن تي عذاب آسمان کان

تن کي جيڪا ڳالهہ چئي وئي هئي سا اُنهن مٽائي ٻي ڳالهہ چئي، پوءِ مٿن آسمان کان اِنهيءَ سببان سزا موڪلي سون

ع ٢٠

بِمَا كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٢﴾ وَسْئَلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ حَاضِرَةَ

انهيءَ ڪري جو ظلم ڪندا هئا. ۽ پڇ انهن کان ان ڳوٺ جي خبر جو هئو ڪناري

جو ظلم تي ڪيائون. ۽ (اي پيغمبرا) ڪاڻئن اُن ڳوٺ (جي حال) بابت پڇا ڪرا جيڪو درياءَ جي ڪناري تي هو.

وقف لازم

الْبَحْرِ ۘ اِذْ يَعْدُوْنَ فِي السَّبْتِ اِذْ تَاْتِيْهِمْ حِيْتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ

درياءَ جي تي، جڏهن زيادتي ڪندا هئا ڇنڇر ۾ جڏهن اچن پيون انهن وٽ مڇيون انهن جون ڏينهن ڇنڇر تي

جڏهن (اُهي منع هوندي) ڇنڇر (جي حڪم) ۾ حڪم عدولي ڪرڻ لڳا جڏهن اُنهن جون مڇيون سندن ڇنڇر ڏينهن

معانقة ٦ عند المتأخرين

شُرَّعًا وَّيَوْمَ لَا يَسْبِتُوْنَ ۙ لَا تَاْتِيْهِمْ ۛ كَذٰلِكَ ۛ نَبْلُوْهُمْ بِمَا كَانُوْا

ترندي ۽ جي ڏينهن ڇنڇر نہ هجين تہ ڪونہ پيون اچن انهن وٽ اهڙي طرح، آزمايون پيا انهن کي جو اهي بہ

(پاڻيءَ جي مٿان) سندن سامهون پڌريون ٿي اينديون هيون ۽ جنهن ڏينهن ڇنڇر نہ ڪندا هئا تنهن ڏينهن (پاهر) نہ اينديون هيون. اهڙيءَ طرح

النصف

يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٣﴾ وَاِذْ قَالَتْ اُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمَا ۙ اللّٰهُ

فرماني ڪندا هئا. ۽ جنهن وقت چيو هڪ جماعت انهن مان ڇو تا سمجهايو اهڙن ماڻهن کي جن کي الله

انهن کي اِنهيءَ سببان پرکيوسون جو نافرماني ٿي ڪيائون. ۽ جڏهن منجهانئن هڪ ٽولي (نصيحت ڪندڙن کي) چيو تہ اهڙيءَ قوم کي اوهين ڇو

مُهْلِكُهُمْ اَوْ مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ قَالُوْا مَعْذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمْ

هلاڪ ڪندو يا ڏيندڙ عذاب سخت، چيائون بار لاهڻ لاءِ توهان جي رب وٽ

نصيحت ڪندا آهيو جن کي الله هلاڪ ڪندڙ آهي يا کين سخت عذاب ڪندڙ آهي؟ تڏهن چيائون تہ (اسان جي نصيحت) اوهان جي پالڻهار وٽ

وَلَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿١٦٤﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖٓ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ يَنْهَوْنَ

۽ متان اهي ڊڄن. پوءِ جڏهن وساريائون اهو جو سمجهايو ويو انهن کي تہ اسان بچايو انهن کي جيڪي روڪين پيا

عذر آهي ۽ مَن اهي ڊڄن. پوءِ جيڪا نصيحت ڏني وئي هين سا جنهن مهل وساريائون اُنهيءَ مهل اُنهن ماڻهن کي بچايوسون

عَنِ السُّوْٓءِ وَاَخَذْنَا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا بِعَذَابٍۭ بَئِيْسٍۭ بِمَا

بڇڙائيءَ کان ۽ پڪڙيوسون انهن کي جن ظلم ڪيو، عذاب خوفناڪ سان جو

جيڪي مدائي کان جهليندا هُين ۽ ظالمن کي سخت عذاب سان انهيءَ ڪري پڪڙيوسون جو هو بدڪار

كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٥﴾ فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً
نافرماني ڪندا هئا. پوءِ جڏهن وڌي ويا ان ڪم ۾ جنهن کان جهليا ويا چيوسون انهن کي ٿي پئو ٻولا
هئا. پوءِ جنهن کان جهليو ويو هين تنهن کان جڏهن حد ٽپيا تڏهن کين چيوسون ته خوار ٿيل
خٰسِئِيْنَ ﴿١٦٦﴾ وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ عَلَيْهِمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ
خوار. ۽ ياد ڪر جڏهن اطلاع ڪيو تنهنجي رب ته ضرور موڪليندو انهن تي ڏينهن قيامت تائين
ٻولڙا ٿيو. ۽ (ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار (يهودين ڪي) سُڌ ڏني ته (اهو) مٿن قيامت تائين (اهڙو حاڪم)
مَنْ يَّسُوْمُهُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ط اِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيْعُ الْعِقَابِ ۖ صلے
اهڙو ماڻهو جو ڏيندو انهن کي بڇڙو عذاب. بيشڪ تنهنجو رب جلد عذاب ڏيندڙ آهي.
ضرور مقرر ڪندو جيڪو انهن کي بڇڙي سزا چکائيندو رهندو، ڇو ته تنهنجو پالڻهار سگهو سزا ڏيندڙ آهي. ۽ اهو
وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٧﴾ وَقَطَّعْنٰهُمْ فِى الْاَرْضِ اُمَمًا ۚ مِنْهُمُ
۽ بيشڪ اهو غفور رحيم آهي. ۽ جدا ڪيوسون انهن کي ملڪ ۾ ٽولا ٽولا ڪري. ڪي انهن مان
بخشڻهار مهربان (بہ) آهي. ۽ انهن (بني اسرائيلن) کي ملڪ ۾ ٽولين ٽولين ڪري پکيڙي ڇڏيوسون.
الصّٰلِحُوْنَ وَمِنْهُمْ دُوْنَ ذٰلِكَ ز وَبَلَوْنٰهُمْ بِالْحَسَنٰتِ وَالسَّيِّاٰتِ
چڱا هئا ۽ ڪي انهن مان ٻيءَ طرح ۽ آزمايوسون انهن کي سُکن ۽ ڏکن سان
منجهانئن ڪي سڌريل آهن ۽ ڪي اڻ سڌريل آهن ۽ انهن کي سکن ۽ ڏکن سان پرکيوسون ته مَن اهي موٽن.
لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿١٦٨﴾ فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ وَّرِثُوا الْكِتٰبَ
تہ اهي موٽي پوَن. پوءِ آيا انهن کان بعد برا پونير جي وارث ٿيا ڪتاب جا
وري ڪانئن پوءِ اهڙا بڇڙا انهن جي جڳهن تي ويٺا جو ڪتاب (توريت) جا (ڇڙا) وارث بڻيا.
يَاْخُذُوْنَ عَرَضَ هٰذَا الْاَدْنٰى وَيَقُوْلُوْنَ سَيُغْفَرُ لَنَا ۚ وَاِنْ
وٺن پيا روڳ هن دنيا جو ۽ چون پيا ته اسان کي بخشيو ويندو. ۽ جيڪڏهن
هن دنيا جو سامان اختيار ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته بخشباسون. ۽ جيڪڏهن وٽن ڪو اهڙو سامان ايندو آهي
يَّاْتِهِمْ عَرَضٌ مِّثْلُهٗ يَاْخُذُوْهُ ط اَلَمْ يُؤْخَذْ عَلَيْهِمْ مِّيْثَاقُ
ايندو هو انهن وٽ مال ان جهڙو ته وٺندا هئا ان کي. ڇا نه ورتو ويو انهن کان وعدو
ته (اهي پشيمان نہ ٿيندا آهن ۽) اهو وٺندا آهن. ڪانئن ڪتاب (توريت) ۾ هي انجام نہ ورتو ويو هو ڇا
الْكِتٰبِ اَنْ لَّا يَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ وَدَرَسُوْا مَا فِيْهِ ط وَ
ڪتاب جو ته نہ ڳالهائين الله تي ڪجهہ سچ کان سواءِ ۽ پڙهيائون جيڪي ان ۾ هئو. ۽
ته سچ کان سواءِ الله تي ڪجهہ بہ ڪين چون؟ ۽ جيڪي منجهس آهي سو پڙهيو بہ اٿن. ۽ آخرت جو

الدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦٩﴾ وَالَّذِيْنَ

گھر آخرت جو بھتر آھي پرھيزگارن لاءِ، ڇا پوءِ توھان نہ ٿا سمجھو؟ ۽ جيڪي

ملڪ انھن لاءِ ڀلو آھي جيڪي پرھيزگار آھن، پوءِ ڇو نہ سمجھندا آھيو؟ ۽ جيڪي ڪتاب

يُمَسِّكُوْنَ بِالْكِتٰبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ

مضبوط وٺن ٿا ڪتاب کي ۽ قائم ڪيائون نماز، تہ اسان نہ وڃائيندا سون اجورو

کي مضبوطيءَ سان وٺن ٿا ۽ نماز پڙھن ٿا، (اھڙن) نيڪن جو اجر اسين نہ وڃائيندا آھيون.

الْمُصْلِحِيْنَ ﴿١٧٠﴾ وَاِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّظَنُّوْٓا

چڱائي آڻيندڙن جو. ۽ جنھن وقت ڪنيوسون جبل انھن جي مٿان ڇڻ تہ اھو ڇٽي ھو ۽ سمجھيائون

۽ (ياد ڪر!) جڏھن انھن جي مٿان جبل کي ٽنگيوسون ڇڻ تہ اھو ڇٽي ھو ۽ ڀانيائون تہ اھو مٿن ڪرندو.

اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ۚ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ

تہ اھو ڪرندڙ آھي مٿائن، ڇيوسون وٺو جيڪو ڏنوسون توھانکي مضبوطي سان ۽ ياد ڪريو جيڪي ان ۾ آھي جيئن اوھين

(ڪين چيوسون) تہ جيڪي اسان اوھان کي ڏنو آھي سو محڪم ڪري وٺو ۽ جيڪي منجھس آھي سو ياد ڪندا رھو

تَتَّقُوْنَ ﴿١٧١﴾ ع وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ ع ٢١

پرھيزگار ٿيو. ۽ جڏھن ورتو تنھنجي رب بني آدم کان سندن پٺين مان انھن جي اولاد کي

تہ مَن اوھين (عذاب کان) بچو. ۽ (اي پيغمبر! ياد ڪر) جڏھن تنھنجي پالڻھار آدم جي اولاد مان (يعني) سندن پٺين مان سندن اولاد کي پيدا ڪيو

وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ؕ قَالُوْا بَلٰى ۛۚ شَهِدْنَا ۛۚ

۽ اقرار ورتائين انھن کان سندن سِرَن تي، تہ ڇا نہ آھيان مان توھان جو رب، چيائون ھائو، اسان اقرار ڪيوسون،

۽ سندن وجود کي مٿن شاھد ڪيائين (۽ پڇيائين) تہ (آءٌ) اوھان جو پالڻھار نہ آھيان ڇا؟ چيائون تہ ھائو (آھين)، گواھ ٿيا آھيون،

اَنْ تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٧٢﴾ لا

متان چئو قيامت ڏينھن تہ اسان ھئاسون ان کان بي خبر.

(اِھا گواھي ھن لاءِ ورتي ھئي) تہ (متان) قيامت جي ڏينھن چئو تہ اسين ھِن (ڳالھ) کان بي خبر ھئاسون.

اَوْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اَشْرَكَ اٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنْۢ

يا چئو تہ رڳو شرڪ ڪيو ھئو اسان جي ابن ڏاڏن اڳي کان ۽ اسين آھيون اولاد انھن

يا (متان) چئو تہ، شرڪ رڳو اسان جي ابن ڏاڏن اڳ ڪيو ھو ۽ اسين ڪانئن پوءِ اولاد ھئاسون. تنھن ڪري جيڪي

بَعْدِهِمْ ۚ اَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿١٧٣﴾ وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ

کان پوءِ جي، ڇا پوءِ تون تباھ ڪندين اسان کي ان ڪري جو ڪيو گمراھن. ۽ اھڙي طرح صاف ٻڌايون ٿا

بيھودن ڪيو تنھن سببان اسان کي ڇو ٿو ھلاڪ ڪرين؟. ۽ اھڙيءَ طرح اسين آيتون کليل طرح بيان ڪندا آھيون

مُعَانَقَةٌ ٤ عِنْدَ الْمُتَأَخِّرِيْنَ

الْاٰیٰتِ وَلَعَلَّهُمْ یَرْجِعُوْنَ ﴿١٧٤﴾ وَاتْلُ عَلَیْهِمْ نَبَاَ الَّذِیْٓ اٰتَیْنٰهُ

آيتون تہ جيئن اهي موٽي پون. ۽ پڙهہ انهن تي خبر ان شخص جي ڏنيون سي جنهن کي

تہ مَن اهي موٽن. ۽ (اي پيغمبرا) تون اُن (ماڻهو) جو قصو کين پڙهي ٻڌاءِ جنهن کي پنهنجين آيتن جو علم ڏنو هيوسون

اٰیٰتِنَا فَانْسَلَخَ مِنْهَا فَاَتْبَعَهُ الشَّیْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِیْنَ ﴿١٧٥﴾

پنهنجون آيتون پوءِ سرڪي ويو انهن کان پوءِ پٺيان پيس شيطان نيٺ ٿيو گمراهن مان.

(اهو) اُنهن (آيتن جي علم) مان (پاڻ پٽائي) نڪتو پوءِ شيطان سندس پٺيان لڳو پوءِ (اهو) گمراهن مان ٿيو.

وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ اَخْلَدَ اِلَی الْاَرْضِ وَاتَّبَعَ

۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ ڪٽي وٺون ها ان کي انهن آيتن سان پر اهو جهڪي پيو زمين ڏانهن ۽ ڪڍ لڳو

۽ جيڪڏهن اسين گهرون ها تہ کيس انهن (آيتن) سان ضرور مٿاهون ڪريون ها پر هو زمين (جي پستيءَ) ڏانهن جهڪي پيو ۽

هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ اِنْ تَحْمِلْ عَلَیْهِ یَلْهَثْ اَوْ

پنهنجي خواهش کي، پوءِ ان جو مثال ٿيو ڪتي جهڙو جيڪڏهن بار رکندين ان تي تہ سهڪندو يا

پنهنجين سڌن جي پٺيان لڳو، پوءِ سندس مثال ڪتي جي مثال وانگر ٿيو. (جو) جيڪڏهن (تون) مٿس (ڪا شيءِ)

تَتْرُكْهُ یَلْهَثْ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَا ۚ

ڇڏي ڏيندينس تہ بہ سهڪندو اهو آهي مثال ان قوم جو جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي،

اولارين تہ سهڪي يا جي ڇڏي ڏينس تہ (بہ) سهڪي، اِهو اُنهيءَ قوم جو مثال آهي جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو.

فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ یَتَفَكَّرُوْنَ ﴿١٧٦﴾ سَآءَ مَثَلَاۨ الْقَوْمُ

پوءِ ٻڌاءِ اهي احوال تہ جيئن اهي ڌيان ڪن. بڇڙو مثال آهي ان قوم جو

پوءِ (اي پيغمبرا انهن کي) اها نصيحت پڙهي ٻڌاءِ تہ مَن اهي سوچ ڪن. جن ماڻهن اسان جي آيتن

الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا بِاٰیٰتِنَا وَاَنْفُسَهُمْ كَانُوْا یَظْلِمُوْنَ ﴿١٧٧﴾ مَنْ یَّهْدِ

جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ اهي پاڻ تي ظلم ڪندا هئا. جنهن کي هدايت ڪري

کي ڪوڙ ڄاتو تن جو حال بڇڙو آهي ۽ انهن پاڻ تي ئي ظلم ڪيو. جنهن کي الله هدايت

اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِیْ ۚ وَمَنْ یُّضْلِلْ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٧٨﴾

الله پوءِ اهو هدايت وارو آهي، ۽ جنهن کي گمراهہ ڪري پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن.

ڪئي سو هدايت وارو آهي، ۽ جن کي گمراهہ ڪيائين سي ئي نقصان وارا آهن.

وَلَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِیْرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۖؗ لَهُمْ قُلُوْبٌ

۽ اسان پيدا ڪيا آهن دوزخ لاءِ گهڻيئي جن ۽ ماڻهو انهن کي دليون آهن

۽ بيشڪ دوزخ لاءِ جنن ۽ ماڻهن مان گهڻا پيدا ڪيا اٿون انهن جون (اهڙيون) دليون آهن جو انهن سان (الله جو حڪم)

لَا يَفْقَهُوْنَ بِهَا ز وَلَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ز وَلَهُمْ اٰذَانٌ

نہ تا سمجهن انهن سان ۽ انهن کي اکيون آهن نہ تا ڏسن انهن سان، ۽ انهن کي ڪن آهن

نہ سمجهندا آهن ۽ انهن جون (اهڙيون) اکيون آهن جو انهن سان (حقانيت) ڏسي نہ سگهندا آهن ۽ انهن جا (اهڙا) ڪن آهن

لَّا يَسْمَعُوْنَ بِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ

نہ تا ٻڌن انهن سان، اهي جانورن جهڙا آهن پر اجا بہ وڌيڪ گمراهہ، اهي ئي

جو انهن سان (حق کي) ٻڌي نہ سگهندا آهن، اهي ڍورن وانگر آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ گمراهہ آهن. اهي ئي غافل آهن.

الْغٰفِلُوْنَ ﴿١٧٩﴾ وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ص وَذَرُوا

بي خبر آهن. ۽ الله جا آهن سڀ نالا سهڻا پوءِ پڪاريو ان کي انهن سان ۽ ڇڏي ڏيو

۽ الله جا نالا (سڀ) سهڻا آهن تنهن ڪري ڪيس انهن (نالن) سان سڏيو ۽ جيڪي سندس نالن

الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآئِهٖ ؕ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٨٠﴾

انهن کي جيڪي ڦيرائين ٿا سندن نالن کي، اهي سزا ڏنا ويندا پنهنجي ڪئي جي.

کي ڦيرائيندا آهن تن کي ڇڏي ڏيو. ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن جي سگهو سزا ڏبن.

وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٨١﴾ ع وَالَّذِيْنَ ع ٢٢ ١٢

۽ انهن مان جن کي پيدا ڪيو سون هڪ جماعت آهي جيڪي رستو ٻڌائين ٿا حق جو ۽ ان پٽاندر عدالت ڪن ٿا. ۽ جن

۽ جيڪي اسان پيدا ڪيا آهن تن مان هڪ ٽولي آهي جا سچي (دين) جو سڌو رستو ڏيکاريندي آهي ۽ اُن (دين) سان انصاف ڪندا آهن.۽ جن

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٢﴾ صلے وَاُمْلِيْ

ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي هري هري وٺنداسون انهن کي اتان جو اهي پروڙيندا ئي ڪين. ۽ آءٌ ڍر ڏيان ٿو

اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو تن کي سگهو ڍر ڏيئي (اُتاهون) سزا ڏينداسون جتان ڄاڻندا ئي نہ. ۽

لَهُمْ ؕ قف اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ ﴿١٨٣﴾ اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا سكتة مَا بِصَاحِبِهِمْ

انهن کي، بيشڪ منهنجي سِٽا سخت آهي. ڇا نہ ڏيان ڪيائون تہ ناهي انهن جي صاحب کي

انهن کي مهلت ڏيندس، ڇو تہ اسان جي رٿ مضبوط آهي. (اهي) سوچ نہ ڪندا آهن ڇا تہ سندن سنگتي (محمد ﷺ)

مِّنْ جِنَّةٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٨٤﴾ اَوَلَمْ يَنْظُرُوْا فِيْ مَلَكُوْتِ

ڪا چرياڻي، رڳو اهو ڊيڄاريندڙ آهي نروار. (۽) ڇا نہ ڏٺائون بادشاهي

کي ڪا چرياڻي ڪانهي؟ اهو تہ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهي. آسمانن ۽ زمين جي بادشاهيءَ (۾) ۽ الله هر جنس مان

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ لا وَّاَنْ عَسٰٓى

آسمانن ۽ زمين جي کي ۽ ان کي جا پيدا ڪئي الله هر شيءِ ۽ هيءَ تہ شايد

جيڪي پيدا ڪيو آهي تنهن ۾ نہ نهاريندا آهن ڇا؟ ۽ متان سندن (موت جي نهرايل) مدت

اَنْ يَّكُوْنَ قَدِ اقْتَرَبَ اَجَلُهُمْ ۚ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۢ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٨٥﴾

تيو هجي ويجهو موت انهن جو. پوءِ ڪهڙي ڳاله تي قرآن کان پوءِ ايمان آڻيندا.

پک پوري ٿيڻ تي هجي! پوءِ قرآن کان بعد ڪهڙيءَ ڳالهه تي ايمان آڻيندا.

مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ؕ وَيَذَرُهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ

جنهن کي منجهائي الله ته ناهي ڪوئي راهه ڏيکاريندڙ ان کي، ۽ ڇڏي ٿو انهن کي سندن شرارت ۾

جنهن کي الله گمراهه ڪندو آهي تنهن کي ڪو هدايت ڪرڻ وارو ڪونهي، ۽ الله انهن کي سندن گمراهيءَ ۾ حيران ٿيل

يَعْمَهُوْنَ ﴿١٨٦﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ؕ قُلْ اِنَّمَا

پيا آوارا ڦرن. پڇن ٿا توکان قيامت بابت ته ڪڏهن ايندو وقت ان جو. تون چؤ رڳو

ڇڏي ڏيندو آهي. (اي پيغمبر!) توکان قيامت بابت پڇن ٿا ته ڪهڙيءَ مهل اچڻي آهي؟ چئو ته. انهيءَ جي خبر رڳو منهنجي پالڻهار وٽ آهي.

عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ ۚ لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَاۤ اِلَّا هُوَ ؔؕ ثَقُلَتْ فِي السَّمٰوٰتِ

ڄاڻ ان جي منهنجي رب وٽ آهي، ڪوئي نه کوليندو ان کي سندس وقت تي مگر اهو، اها ڳري آهي آسمانن

الله کان سواءِ ڪيس سندس وقت تي ڪو پڌرو نه ڪندو. (ان جي اچڻ جي مهل جي ڄاڻ) آسمانن ۽ زمين ۾ ڳري ٿي آهي (يعني ڪو سمجهي

وَالْاَرْضِ ؕ لَا تَاْتِيْكُمْ اِلَّا بَغْتَةً ؕ يَسْـَٔلُوْنَكَ كَاَنَّكَ حَفِيٌّ عَنْهَا ؕ

۽ زمين ۾، نه ايندي توهان وٽ مگر اوچتو ئي، اهي پڇن ٿا توکان ڄڻ تون تلاش ۾ آهين ان جي،

نه ٿو سگهي)_ اها ته اوهان وٽ اوچتو ئي ايندي. (اي پيغمبر!) توکان (ائين) پڇن ٿا جو ڄڻڪ تون اُن جي کوجنا ڪندڙ آهين.

قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٧﴾ قُلْ

چؤ رڳو ڄاڻ ان جي الله وٽ آهي پر گهڻا ماڻهو نه ٿا سمجهن. چؤ ته

چئو ته اُن جي خبر الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ نه آهي پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن. چئو ته.

لَاۤ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ كُنْتُ

نه آهيان مالڪ پنهنجي نفعي جو ۽ نڪي نقصان جو مگر جو گهري الله، ۽ جيڪڏهن مون

الله جي گهرڻ کان سواءِ آءٌ پاڻ کي نڪي فائدو ۽ نڪي نقصان پهچائي سگهان ٿو. ۽ جيڪڏهن ڳجهه ڄاڻان ها

اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۛۚ وَمَا مَسَّنِيَ السُّوْٓءُ ۛۚ

ڄاڻان ها ڳجهه ته گهڻوئي گڏ ڪريان ها ڀلائي کي، ۽ نه پهچي ها مون کي ڪا تڪليف.

ته گهڻيون چڱايون گڏ ڪريان ها. ۽ مون کي ڪو ڏک نه پهچي ها. آءٌ ته ان قوم لاءِ رڳو ڊيڄاريندڙ ۽

اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿١٨٨﴾ ع هُوَ الَّذِيْ

رڳو آءٌ آهيان خوف ڏيارڻيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ماڻهن کي جيڪي مڃوتي ڪن. اهوئي آهي جنهن

خوشخبري ڏيندڙ (پيغمبر) آهيان جيڪي مڃيندا آهن. اهو (الله) آهي جنهن اوهان کي هڪ وجود مان بڻايو

وقف لازم
وقف منزل

معانقة ٨ عند المتأخرين ٢٦٦ ع ٢٢

خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّجَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِيَسْكُنَ

پيدا ڪيو توهان کي شخص هڪڙي مان ۽ بڻايائين انهيءَ مان سندس زال جيئن آرام وٺي

۽ منجهانئس سندس زال هن لاءِ بڻايائين ته ساڻس سڪون وٺي، پوءِ جنهن مهل ساڻس ميلاپ ڪندو آهي

اِلَيْهَا ۚ فَلَمَّا تَغَشّٰىهَا حَمَلَتْ حَمْلًا خَفِيْفًا فَمَرَّتْ بِهٖ ۚ فَلَمَّآ

ان وٽ. پوءِ جڏهن ميلاپ ڪيائينس ته ڪنيائين حمل هلڪو پوءِ هلندي رهي انهيءَ سان. پوءِ جڏهن

ته اها هلڪي بار سان ڳورهاري ٿيندي آهي ۽ ان سان گهمندي رهندي آهي ۽ وري جنهن مهل ڏاڍي ڳري ٿيندي

اَثْقَلَتْ دَّعَوَا اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَئِنْ اٰتَيْتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ

ڳوري ٿي ته پنهي سڏيو الله پنهنجي رب کي ته جي ڏيندين اسان کي سالم ٻار ته هوند ٿينداسون

آهي (تنهن مهل) ٻئي پنهنجي پالڻهار کي سڏيندا آهن (ته قسم آهي) ته جيڪڏهن اسان کي صالح (ٻار) ڏيندين ته ضرور

الشّٰكِرِيْنَ ﴿١٨٩﴾ فَلَمَّآ اٰتٰىهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِيْمَآ اٰتٰىهُمَا ۚ

ٿورائتا. پوءِ جڏهن ڏنائين انهن کي سالم ٻار ته بڻايائون ان لاءِ ڀائيوار ان ۾ جو بخشيائين انهن کي.

شڪر ڪندڙن مان ٿينداسون. پوءِ جنهن مهل انهن کي صالح (پٽ) ڏيندو آهي (تنهن مهل) جيڪي انهن کي ڏنائين تنهن ۾ الله سان شريڪ

فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١٩٠﴾ اَيُشْرِكُوْنَ مَا لَا يَخْلُقُ شَيْـًٔا وَّهُمْ

پوءِ مٿاهون آهي الله ان کان جنهن کي شريڪ ٿا ڪن. ڇا شريڪ ٿا ڪن انهن کي جي نه ٿا پيدا ڪن ڪا شيءِ ۽ اهي پاڻ

مقرر ڪندا آهن، تنهن کان الله (جو شان) مٿاهون آهي.(هي مشرڪ) اهڙن کي ڇو ٿا شريڪ بڻائين جي ڪجهه بڻائي نه سگهندا آهن ۽ آهي

يُخْلَقُوْنَ ﴿١٩١﴾ ۖ وَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ لَهُمْ نَصْرًا وَّلَآ اَنْفُسَهُمْ

پيدا ڪيل آهن. ۽ نه ٿا ڪري سگهن انهن جي مدد ۽ نکي پنهنجي ئي

پاڻ خلقيل آهن. ۽ نڪي انهن کي ڪا مدد ڏيئي سگهندا آهن ۽ نڪي پاڻ کي (ئي) مدد ڏيئي سگهندا آهن.

يَنْصُرُوْنَ ﴿١٩٢﴾ وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَتَّبِعُوْكُمْ ۭ

مدد ٿا ڪن. ۽ جيڪڏهن تون سڏيندين انهن کي سڌي رستي ڏانهن نه ايندا توهان جي پويان.

۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن انهن کي هدايت ڏانهن سڏيندو ته اوهان جي تابعداري نه ڪندا.

سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ اَمْ اَنْتُمْ صَامِتُوْنَ ﴿١٩٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

برابر آهي توهان تي سڏيو انهن کي يا توهان چپ رهو. بيشڪ جن کي

اوهان تي برابر آهي ته انهن کي سڏيو يا اوهين ماٺ ڪريو. الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو.

تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ عِبَادٌ اَمْثَالُكُمْ فَادْعُوْهُمْ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا

سڏيو ٿا الله کان سواءِ ٻانها آهن توهان جهڙا پوءِ سڏيو انهن کي پل ته ٻڌن سڏ

سي اوهان جهڙا ٻانها آهن، تنهن ڪري جيڪڏهن (اوهين) سچا آهيو ته انهن کي سڏيو، ته پوءِ پلي

لَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٩٤﴾ اَلَهُمْ اَرْجُلٌ يَّمْشُوْنَ بِهَآ ز اَمْ
توهان جو جيڪڏهن آهيو سچا. چا انهن کي پير آهن جو گهمن ٿا انهن سان يا
اوهان کي ورندي ڏين. انهن (بتن) کي ڪي پير آهن ڇا جن سان گهمندا آهن يا انهن کي ڪي هٿ آهن ڇا

لَهُمْ اَيْدٍ يَّبْطِشُوْنَ بِهَآ ز اَمْ لَهُمْ اَعْيُنٌ يُّبْصِرُوْنَ بِهَآ ز
انهن کي هٿ آهن جو پڪڙن ٿا انهن سان يا انهن کي اکيون آهن جو ڏسن ٿا انهن سان
جن سان وٺندا آهن يا انهن کي اکيون آهن ڇا جن سان ڏسندا آهن يا انهن کي ڪي ڪن آهن ڇا

اَمْ لَهُمْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ط قُلِ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ كِيْدُوْنِ
يا انهن کي ڪن آهن جو اهي ٻڌندا آهن انهن سان، تون چؤ سڏيو پنهنجن شريڪن کي پوءِ رٿيو مڪر مون لاءِ
جن سان ٻڌندا آهن؟ چئو ته. (اوهين) پنهنجن بتن کي سڏيو پوءِ مون لاءِ (جيڪا) رٿ (اچيو سا) رٿيو

فَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿١٩٥﴾ اِنَّ وَلِيِّ َۧ اللّٰهُ الَّذِيْ نَزَّلَ الْكِتٰبَ ز صلے وَهُوَ
پوءِ نه دير ڏيو مون کي. بيشڪ منهنجو مددگار آهي الله جنهن نازل ڪيو ڪتاب کي، ۽ اهو ئي
۽ مون کي مهلت نه ڏيو. بيشڪ منهنجو مددگار اهو الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو ۽ اهو نيڪن کي

يَتَوَلَّى الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٩٦﴾ وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ
مددگار آهي چڱن ماڻهن جو. ۽ اهي جن کي سڏيو ٿا انهيءَ کان سواءِ نه ٿا ڪري سگهن
مدد ڏيندو آهي. ۽ ان (الله) کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو سي اوهان کي ڪا مدد ڏيئي نه سگهندا آهن

نَصْرَكُمْ وَلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿١٩٧﴾ وَاِنْ تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى
مدد توهان جي ۽ نڪي پنهنجي ئي مدد ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن سڏيندين انهن کي هدايت ڏانهن
۽ نڪي پاڻ کي مدد ڏيئي سگهندا آهن. ۽ جيڪڏهن اوهين انهن کي هدايت ڏانهن سڏيو ته ڪين ٻڌندا.

لَا يَسْمَعُوْا ط وَتَرٰىهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ ﴿١٩٨﴾
نه ڪين ٻڌندا، ۽ ڏسين تو انهن کي ته نهارين ٿا توڏانهن ۽ اهي ڏسندا ئي نه آهن.
۽ ڪين ڏسندو آهين (ته ڄڻ) ته توڏانهن تڪين ٿا پر اهي ڏسندا ئي نه آهن.

خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿١٩٩﴾ وَاِمَّا
وٺ معاف ڪرڻ کي ۽ حڪم ڪر چڱي ڪم جو ۽ منهن موڙ مورکن کان. ۽ جيڪڏهن
(اي پيغمبر!) معافي ڏيڻ جي عادت ڪر ۽ چڱي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪر ۽ جاهلن کان منهن موڙ. ۽

يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ط اِنَّهٗ سَمِيْعٌ
کٽڪي توکي شيطان کان کو کٽڪو ته وٺ پناهه الله جي، بيشڪ اهو ئي ٻڌندڙ
جيڪڏهن توکي شيطان کان ڪو وسوسو پوي ته الله کان پناهه گهر، ڇو ته اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

عَلِيمٌ ﴿٢٠٠﴾ إِنَّ الَّذِينَ اتَّقَوْا إِذَا مَسَّهُمْ طَٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيْطَٰنِ
جاڻندڙ آهي. بيشڪ جيڪي پرهيزگار ٿيا جڏهن پهچي ٿو انهن کي چڪر شيطان جو
جيڪي پرهيزگار آهن، تن کي جڏهن شيطان کان ڪو وسوسو پهچندو آهي تڏهن الله کي ياد ڪندا آهن
تَذَكَّرُوا فَإِذَا هُم مُّبْصِرُونَ ﴿٢٠١﴾ وَإِخْوَٰنُهُمْ يَمُدُّونَهُمْ فِى
تہ هوشيار ٿين ٿا پوءِ اُن وقت ٿي سڌن اکيون کلي وينديون آهن. ۽ انهن جا ڀائر ڇڪن ٿا انهن کي گمراهي
پوءِ اهي انهيءَ مهل (دانائيءَ واري نظر سان) ڏسندڙ ٿيندا آهن. ۽ انهن (شيطانن) جا ڀائر کين گمراهيءَ ۾ ڇڪيندا آهن،
الْغَىِّ ثُمَّ لَا يُقْصِرُونَ ﴿٢٠٢﴾ وَإِذَا لَمْ تَأْتِهِم بِـَٔايَةٍ قَالُوا لَوْلَا
ڏانهن پوءِ اهي ڪين ٿا گهٽائين. ۽ جڏهن تون نہ آندي انهن وٽ ڪا آيت چون ٿا ڇو نہ
وري نہ گهٽائيندا آهن. ۽ (اي پيغمبرا) جڏهن وٽن ڪا آيت نہ آڻيندو آهين (تڏهن) چوندا آهن تہ (پاڻ) ڇو نہ ٺاهيندو آهين؟
اجْتَبَيْتَهَا ۚ قُلْ إِنَّمَا أَتَّبِعُ مَا يُوحَىٰٓ إِلَىَّ مِن رَّبِّى ۚ هَٰذَا بَصَآئِرُ
ٺاهي آئين اها، چؤ آءٌ رڳو هلان پيو ان تي جو حڪم اچي ٿو موڏانهن منهنجي رب کان، هي آهن سمجهاڻيون
چئو تہ، جيڪي مون ڏانهن پنهنجي پالڻهار جو وحي ٿيندو آهي تنهن کان سواءِ (ڪنهن جي) تابعداري نہ ڪندو آهيان.
مِن رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُؤْمِنُونَ ﴿٢٠٣﴾ وَإِذَا
توهان جي رب جون ۽ هدايت ۽ رحمت انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين. ۽ جڏهن
هي (قرآن) اوهان جي پالڻهار وٽان سوجهرو ۽ هدايت ۽ ٻاجهہ انهيءَ قوم لاءِ آهي جا مڃيندي آهي. ۽
قُرِئَ الْقُرْءَانُ فَاسْتَمِعُوا لَهُۥ وَأَنصِتُوا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُونَ ﴿٢٠٤﴾
پڙهيو وڃي قرآن تہ ڪَنُ لائي ٻڌو ان کي ۽ ماٺ ڪريو تہ مَنَ مرهڃي وڃو.
جڏهن قرآن پڙهيو وڃي (تڏهن) اُهو ڪن ڏيئي ٻُڌو ۽ چپ ڪريو مَنَ ٻاجهہ ڪجيو.
وَاذْكُر رَّبَّكَ فِى نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَخِيفَةً وَدُونَ الْجَهْرِ مِنَ
۽ ياد ڪر پنهنجي رب کي دل پنهنجي ۾ عاجزي ۽ خوف سان ۽ نہ وڏي
۽ پنهنجي پالڻهار کي پنهنجي دل ۾ عاجزيءَ ۽ ڀئو سان وڏي آواز کان (ڪجهہ) جهڪو
الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْـَٔاصَالِ وَلَا تَكُن مِّنَ الْغَٰفِلِينَ ﴿٢٠٥﴾ إِنَّ
واڪي صبح جو ۽ شام جو ۽ نہ ٿيءُ غفلت وارن مان، بيشڪ
صبح ۽ سانجهيءَ جو ياد ڪر ۽ غافلن مان نہ هج. بيشڪ جيڪي
الَّذِينَ عِندَ رَبِّكَ لَا يَسْتَكْبِرُونَ عَنْ عِبَادَتِهِۦ وَيُسَبِّحُونَهُۥ
جيڪي تنهنجي رب وٽ آهن اهي نہ ٿا وڏائي ڪن سندس عبادت کان ۽ پاڪائي چون ٿا انهيءَ جي
تنهنجي پالڻهار وٽ (ويجها) آهن (سي) سندس عبادت کان وڏائي نہ ڪندا آهن ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن

ع ١٨ ١٢

السجدة

وَلَهٗ يَسْجُدُوْنَ ۩ ع ﴿٢٠٦﴾

۽ انهيءَ کي ئي سجدو ڪن ٿا.

۽ ان کي سجدو ڪندا آهن.

سُوْرَةُ الْاَنْفَالِ مَدَنِيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٧٥ رُكُوْعَاتُهَا ١٠

شروع الله جي نالي سان جو ٻاجهارو مهربان آهي.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ ۚ فَاتَّقُوا

پڇن ٿا توکان | مال غنيمت لاءِ، | چؤ | غنيمت جا مال | الله | ۽ | رسول جا آهن | پوءِ ڊڄو

(اي پيغمبر!) غنيمت جي مال بابت توکان پڇن ٿا، چئو تہ غنيمت جو مال الله ۽ پيغمبر جو آهي، پوءِ

اللّٰهَ وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۪ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ

الله کان | ۽ | سڌارو آڻيو | پنهنجي وچ ۾ | ۽ تابعدار ٿيو | الله جا | ۽ | سندس رسول جا | جيڪڏهن | آهيو اوهان

الله کان ڊڄو ۽ اوهين پنهنجو پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪريو ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو.

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١﴾ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ

مؤمن. | رڳو | ايمان وارا | اهي آهن جو | جڏهن | ياد ڪجي ٿو | الله کي تہ | دهلجي وڃن ٿيون

مؤمن اهي ئي آهن جن جون دليون جڏهن الله ياد ڪيو ويندو آهي (تڏهن) ڊڄنديون آهن ۽ جڏهن سندس آيتون

قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى رَبِّهِمْ

دليون انهن جون | ۽ | جڏهن | پڙهجن ٿيون | انهن تي | سندس آيتون | تہ وڌائن ٿيون انهن جي | ايمان کي | ۽ | اهي پنهنجي رب تي

انهن کي پڙهي ٻڌائيبون آهن تڏهن اُهي سندن ايمان کي وڌائينديون آهن ۽ (اُهي) پنهنجي پالڻهار تي

يَتَوَكَّلُوْنَ ۚۖ ﴿٢﴾ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ؕ ﴿٣﴾

ڀروسو ٿا ڪن. | اهي | قائم ڪن ٿا | نماز کي | ۽ | اسان جي ڏني مان | ڪجهه خرچ ڪن ٿا.

ڀروسو ڪندا آهن. اُهي نماز پڙهندا آهن ۽ جيڪي کين رزق ڏنوسون تنهن مان خرچ ڪندا آهن.

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَ

اهي ئي | مؤمن آهن | سچا، | انهن لاءِ | مرتبا آهن | سندن پروردگار وٽ | ۽

اِهي ئي پاڪ مؤمن آهن۔ انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ (وڏا) درجا ۽ بخشش ۽ چڱي روزي آهي.

مَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٤﴾ كَمَآ اَخْرَجَكَ رَبُّكَ مِنْۢ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ ۪

بخشش | ۽ | روزي | آبروءِ واري. | جيئن | ڪڍيو توکي | تنهنجي پالڻهار | تنهنجي گهر مان | حق خاطر

تنهنجي انهيءَ پالڻهار (جو قسم آهي) جنهن توکي (مديني منجهان) تنهنجي گهر مان (ڪنهن مصلحت لاءِ) ٻاهر آندو

وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ لَكٰرِهُوْنَ ۙ۵ يُجَادِلُوْنَكَ فِي الْحَقِّ

۽ يقينن هڪ جماعت مؤمنن مان راضي نہ هئي، اهي بحث پيا ڪن توسان ان حق ۾

۽ بيشڪ مؤمنن منجهان هڪ ٽولي ضرور ناراض هئي. اهي سچي ڳالهہ بابت اُن جي پڌري ٿيڻ

بَعْدَ مَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا يُسَاقُوْنَ اِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ؕ۶

پڌرائي کان بعد جڻ تہ هڪلجن پيا موت ڏانهن ۽ اهي ڏسن پيا

کان پوءِ (بہ) توسان گفتگو ڪندا رهيا جڻ تہ اهي (اکين سان) ڏسندي موت ڏانهن هڪليا وڃن ٿا.

وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ

۽ ياد ڪر جڏهن وعدو ڪيو توهان سان الله ٻن ٽولين مان هڪڙيءَ جو تہ اها توهان لاءِ آهي ۽ اوهين چاهيو پيا

۽ (ياد ڪريو) جڏهن الله اوهان سان انجام ڪيو تہ (ڪافرن جي) ٻن ٽولين مان هڪ اوهان کي هٿ لڳندي ۽ اوهان گهريو ٿي

اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ لَكُمْ وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ

تہ بنا هٿيارن واري ٽولي هجي توهان لاءِ ۽ گهُري پيو الله تہ مٿي ڪري حق کي

تہ بي هٿيار (ٽولي) اوهان لاءِ هجي ۽ الله گهريو ٿي تہ پنهنجي حڪم سان حق کي ثابت ڪري

بِكَلِمٰتِهٖ وَيَقْطَعَ دَابِرَ الْكٰفِرِيْنَ ۙ۷ لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ

پنهنجي قولن سان ۽ ڪپي پاڙ ڪافرن جي، جيئن ثابت رکي حق کي ۽ ناس ڪري

۽ ڪافرن جي پاڙ هن لاءِ وڍي. تہ حق کي ثابت ڪري ۽ باطل کي ناس ڪري توڙيڪ مجرم

الْبَاطِلَ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ۚ۸ اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ

باطل کي توڙي جو ناپسند ڪن ڏوهاري، ياد ڪريو جڏهن مدد گهرو پيا پنهنجي رب کان پوءِ ورنايائين

(ڏوهاري) ناراض رهن. جڏهن پنهنجي پالڻهار کي فرياد ٿي ڪيوَ تہ (اُها) اوهان جي (فرياد) قبول ڪيائين (فرمايائين)

لَكُمْ اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ ۹ وَمَا جَعَلَهُ

توهان کي تہ آءٌ مدد ڪندڙ آهيان توهان جي هزار ملائڪن سان هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ. ۽ نہ بڻايو انهيءَ کي

تہ آءٌ لڳو لڳ هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ هڪ هزار ملائڪن سان اوهان جي مدد ڪندڙ آهيان. الله ان (مدد) کي رڳو

اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى وَلِتَطْمَئِنَّ بِهٖ قُلُوْبُكُمْ ۚ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا

الله مگر خوشخبري ۽ جيئن قرار وٺن انهيءَ سان دليون توهان جون، ۽ نہ ايندي مدد مگر

خوشخبري ڪيو هو ۽ تہ اُن سان اوهان جيون دليون تسلي وارِيون ٿين. ۽ الله جي پار کان سواءِ (ٻئي هنڌان)

مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۱۰ؑ اِذْ يُغَشِّيْكُمُ النُّعَاسَ اَمَنَةً ع

الله جي طرفان، بيشڪ الله زبردست آهي حڪمت وارو آهي. جنهن وقت وڌائين توهان تي اوجهڙا ڪي قرار لاءِ

مدد (ملڻي) نہ آهي. ڇو تہ الله غالب حڪمت وارو آهي. (ياد ڪريو) جنهن مهل پنهنجي طرف کان امن ڏيڻ لاءِ اوهان

مِّنْهُ وَ يُنَزِّلُ عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمْ بِهٖ وَ
پنهنجي طرفان ۽ لاٿائين توهان جي مٿان آسمان کان پاڻي جيئن پاڪ ڪري اوهان کي ان سان ۽
کي اونگهه ڍڪايائين ۽ اوهان تي آسمان مان پاڻي هن لاءِ وسايائين ته اُن سان اوهان کي (وهنجارائي) پاڪ ڪري ۽

يُذْهِبَ عَنْكُمْ رِجْزَ الشَّيْطٰنِ وَلِيَرْبِطَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ وَيُثَبِّتَ
دفع ڪري اوهان کان وسوسو شيطان جو ۽ جيئن ڏاڍو ڪري اوهان جي دلين کي ۽ ڄمائي رکي
اوهان کان شيطان جي پليتي پري ڪري ۽ اوهان جي دلين کي مضبوط ڪري ۽ اُن سان (اوهان جي) قدمن کي

بِهِ الْاَقْدَامَ ﴿١١﴾ اِذْ يُوْحِيْ رَبُّكَ اِلَى الْمَلٰٓئِكَةِ اَنِّيْ مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا
انهيءَ سان توهان جا پير. جنهن وقت وحي ڪيو تنهنجي رب ملائڪن ڏانهن ته آءٌ اوهان سان گڏ آهيان پوءِ همت ڏياريو
ڄمائي رکي. (ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن ڏانهن وحي ڪيو ته آءٌ اوهان ساڻ آهيان

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۭ سَاُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ
انهن کي جن ايمان آندو. اجهو وجهان ٿو دلين ۾ ڪافرن کي دهشت
تنهن ڪري مؤمنن کي همٿايو. ڪافرن کي دل ۾ سگهو دهشت وجهندس، پوءِ (اي مؤمنو!)

فَاضْرِبُوْا فَوْقَ الْاَعْنَاقِ وَاضْرِبُوْا مِنْهُمْ كُلَّ بَنَانٍ ﴿١٢﴾ۭ
پوءِ ڌڪ هڻو ڪافرن جي ڪنڌن تي ۽ ڪٽيو انهن جو سنڌ سنڌ.
گردنن تي ڌڪ هڻو ۽ اُنهن (جي آڱرين) جو سڀ ڪو سَنڌ ڀڃو.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَاۗقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَاقِقِ اللّٰهَ وَ
اهو هن لاءِ ته انهن مخالفت ڪئي الله جي ۽ ان جي رسول جي، ۽ جيڪو مخالفت ڪندو الله ۽
اهو (حڪم) هن سبب آهي جو اُنهن الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله ۽

رَسُوْلَهٗ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿١٣﴾ ذٰلِكُمْ فَذُوْقُوْهُ وَاَنَّ
ان جي رسول جي پوءِ بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي. اهو اٿو پوءِ چکي وٺو ان کي ۽ بيشڪ
سندس پيغمبر جي مخالفت ڪندو ته بيشڪ الله سخت سزا (ڏيندڙ) آهي. اِها (سزا اوهين) چکو ۽ (پڪ ڄاڻو) ته

لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابَ النَّارِ ﴿١٤﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمُ
ڪافرن لاءِ آهي عذاب باهه جو. اي ايمان وارو جڏهن مقابلو ڪريو
ڪافرن لاءِ باهه جو عذاب آهي. اي مؤمنو جڏهن (ويڙهه ۾) ڪافرن جي مُڇي سان آمهون سامهون ٿيو

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ ﴿١٥﴾ وَمَنْ يُّوَلِّهِمْ
ڪافرن سان ميدان جنگ ۾ ته نه ڦيرائي ڏيو انهن کي پٺيون. ۽ جيڪو ڦري ڏيندو انهن کان
تڏهن انهن کي پٺي ڏيئي نه ڦرو. ۽ انهيءَ ڏينهن لڙائي جي چال ڪندڙ يا (پنهنجي لشڪر جي)

يَوْمَئِذٍ دُبُرَهٗٓ اِلَّا مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ اَوْ مُتَحَيِّزًا اِلٰى فِئَةٍ فَقَدْ

تنهن ڏينهن پُٺي ڏئي سواءِ جنگي ڪارنامي ڏيکارڻ لاءِ يا گڏجڻ لاءِ تولي ڀر تہ اهو

ڪنهن ٽوليءَ ڏانهن پاسي ونندڙ ڪان سواءِ جيڪو انهن کي پٺي ڏيئي ڦرندو سو بيشڪ

بَآءَ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ⑯

موٽيو ڏمرسان الله جي ۽ جاءِ ان جي جهنم آهي ۽ اها بڇڙي آهي جاءِ موٽڻ جي.

الله جي ڏمر هيٺ آيو ۽ سندس جاءِ دوزخ آهي، ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي.

فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ ۠ وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ

پوءِ نہ قتل ڪيو هئو توهان انهن کي پر الله قتل ڪيو انهن کي ۽ نہ ڇُٽيو تو (انهن کي) جڏهن تو پٽريون هنيون

پوءِ ڪين اوهان قتل نہ ڪيو پر ڪين الله قتل ڪيو آهي ۽ (اي پيغمبر) جڏهن تو (ڌوڙ جي مٺ) اُڇلي تڏهن (اها) تو نہ اُڇلي پر

وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ وَلِيُبْلِيَ الْمُؤْمِنِيْنَ مِنْهُ بَلَآءً حَسَنًا ؕ اِنَّ

پر الله ڇُٽيو (انهن کي) ۽ جيئن ڪري ايمان وارن تي پنهنجي طرفان مهرباني سهڻي، بيشڪ

الله اُڇلي، ۽ (هن لاءِ) تہ پاڻ وٽان مومنن کي (نعمت ڏيڻ سان) چڱيءَ طرح آزمائي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ⑰ ذٰلِكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ مُوْهِنُ كَيْدِ الْكٰفِرِيْنَ ⑱

الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. اهو اٿوَ ۽ الله ڪمزور ڪندڙ آهي رٿا ڪافرن جي.

اِهو (حال) آهي ۽ الله ڪافرن جي مڪر کي ڪمزور ڪندڙ آهي. (اي ڪافرو!) جڏهن (بدر جي لڙائيءَ جي سنبرڻ مهل ڪفر ۽ اسلام جي

اِنْ تَسْتَفْتِحُوْا فَقَدْ جَآءَكُمُ الْفَتْحُ ۚ وَاِنْ تَنْتَهُوْا فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ

(اي ڪافرو!) جي پڇو تا سوڀ جو تہ اجها آئي آهي اوهان وٽ اها سوڀ، ۽ جي هٽي ويندؤ تہ اهو ڀلو آهي توهان لاءِ.

سچائيءَ پرکڻ لاءِ) سوڀ گهريوَ تڏهن بيشڪ اوهان جي آڏو (اسلام کي) سوڀ آئي، ۽ جيڪڏهن اوهين (اسلام جي سچائي سمجهي ڪفر کان) بس

وَاِنْ تَعُوْدُوْا نَعُدْ ۚ وَلَنْ تُغْنِيَ عَنْكُمْ فِئَتُكُمْ شَيْئًا وَّلَوْ كَثُرَتْ ۙ

۽ جيڪڏهن موٽندؤ تہ اسان بہ موٽنداسون ۽ هرگز ڪم نہ ايندو توهان کي توهان جو لشڪر ڪجهہ بہ توڙي جو گهڻو هجي

ڪندؤ تہ اِهو اوهان لاءِ چڱو آهي، ۽ جيڪڏهن ٻيهر (وڙهڻ لاءِ) ايندؤ تہ وري (اسلام کي فتح) ڏينداسون، ۽ اوهان جو لشڪر جيتوڻيڪ گهڻو هوندو

وَاَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ⑲ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ

۽ يقينن الله گڏ آهي مومنن سان. اي ايمان وارو! چيو مڃيو الله جو

تہ بہ اوهان کان ڪجهہ بہ نہ ٽاري سگهندو ۽ الله مومنن سان (ساڻ) آهي. اي ايمان وارو! الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو

وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَاَنْتُمْ تَسْمَعُوْنَ ⑳ ۖ وَلَا تَكُوْنُوْا

۽ ان جي رسول جو ۽ نہ ڦلي ڏيو ان کي ۽ توهان حڪم بہ ٻڌو ٿا. ۽ نہ ٿيو

۽ ان کان منهن نہ موڙيو حالانڪ اوهين (قرآن) ٻڌو ٿا. ۽ انهن (ڪافرن ۽ منافقن) جهڙا نہ ٿيو

كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٢١﴾ اِنَّ شَرَّ
انهن وانگر جن چيو هو ٻڌوسون حالانڪ اهي ڪونہ پيا ٻڌن. بيشڪ بڇڙا
جن چيو تہ ٻڌوسون ۽ اهي نہ ٿا ٻُڌن. الله وٽ (سڀني چُرندڙ) ساهدارن مان

الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٢٢﴾ وَ
جانورن ۾ الله وٽ آهن ٻوڙا گونگا اهي جيڪي نہ ٿا سمجهن. ۽
بري ۾ برا (حق ٻڌڻ ۽ چوڻ کان) ٻوڙا ۽ گونگا آهن جي (ڪجهہ بہ) نہ سمجهندا آهن. ۽ جيڪڏهن

لَوْ عَلِمَ اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ ؕ وَلَوْ اَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا
جيڪڏهن ڄاڻي ها الله انهن ۾ چڱائي تہ ٻڌائي ها انهن کي، ۽ جيڪڏهن ٻڌائي بہ ها انهن کي تہ ڦري وڃن ها
الله منجهن ڪا چڱائي ڄاڻي ها تہ ضرور کين ٻڌائي ها، ۽ جيڪڏهن کين ٻڌائي تہ بہ اهي منهن موڙيندڙ ٿي

وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٣﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَ
منهن موڙيندي. اي ايمان وارو! مڃيو حڪم الله جو ۽
ڦري وڃن ها. اي مسلمانو! الله ۽ پيغمبر جو سڏ قبول ڪريو جڏهن (پيغمبر)

لِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ ۚ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ
رسول جو جڏهن سڏي توهان کي ان لاءِ جنهن ۾ توهان جي حياتي آهي، ۽ ڄاڻو تہ الله اوٽ آهي
اوهان کي هن لاءِ سڏي تہ اوهان (جي دلين) کي زنده ڪري، ۽ ڄاڻو تہ الله ماڻهو ۽ سندس دل جي

بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ وَاَنَّهٗۤ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَاتَّقُوْا فِتْنَةً
ماڻهوءَ ۽ سندس دل جي وچ ۾ ۽ ڄاڻو تہ انهيءَ ڏانهن ئي گڏ ڪيا ويندؤ. ۽ بچو اهڙي فساد کان
وچ ۾ آڙ هوندو آهي ۽ يقينن اوهين (سڀ) ڏانهس ئي گڏ ڪبؤ. ۽ انهي فتني کان ڊڄو جو اوهان مان جن ظلم ڪيو

لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَآصَّةً ۚ وَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ
جو نہ پهچندو رڳو انهن کي جن ظلم ڪيو توهان مان خاص ڪري، ۽ ڄاڻو تہ الله
چڙو تن کي (ئي) نہ پهچندو (بلڪ عام هوندو)، ۽ ڄاڻو تہ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي.

شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢٥﴾ وَاذْكُرُوْۤا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ
سخت عذاب ڪندڙ آهي. ۽ ياد ڪريو جڏهن توهان ٿورا هئا ڪمزور ڪيل
۽ (اي مڪي مان هجرت ڪندڙوا سندس احسانن کي) ياد ڪريو جڏهن اوهين ٿورڙا (۽) هيٺا هيؤ

فِى الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ فَاٰوٰىكُمْ
مڪي جي زمين ۾ ڊڄندا هيؤ تہ متان جهٽي وڃن اوهان کي ماڻهو پوءِ اَجهو ڏنائين اوهان کي
ڊنو ٿي تہ متان (ڪافر) ماڻهو اوهان کي اماڪ اغوا ڪري وٺن پوءِ اوهان کي جاءِ (پناهہ) ڏنائين ۽

وَاَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٢٦﴾
۽ طاقت ڏنائين توهان کي پنهنجي مدد سان ۽ روزي ڏنائين توهان کي سٺين شين مان تہ جئن شڪر ڪريو.
اوهان کي پنهنجي مدد سان قوت ڏنائين ۽ اوهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين تہ مَن اوهين شڪرانو ڪريو.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْٓا
اي ايمان وارو! نہ ڦٽ ڪريو الله ۽ رسول سان ۽ نہ ڦيٽ ڪريو
اي مؤمنو! الله ۽ پيغمبر جي خيانت نہ ڪريو ۽ اوهين ڄاڻي واڻي پاڻ ۾ (هڪ ٻئي جي) امانت جي خيانت (بہ) نہ ڪريو.

اَمٰنٰتِكُمْ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٧﴾ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَ
پنهنجن امانتن ۾ ۽ توهان ڄاڻو ٿا. ۽ يقين ڪريو تہ بيشڪ توهان جو مال ۽
۽ ڄاڻو تہ اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد رڳو (اوهان لاءِ) آزمائش آهن

اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ يٰاَيُّهَا
توهان جو عيال پرکا آهي ۽ بيشڪ الله وٽ ئي ثواب وڏو آهي. اي
۽ الله وٽ ئي وڏو اجر آهي. اي ايمان وارو! جيڪڏهن الله کان ڊڄندا

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ عَنْكُمْ
ايمان وارو! جيڪڏهن ڊڄندؤ الله کان تہ ڪندو اوهان لاءِ چوٽڪارو ۽ دفع ڪندو توهان کان
رهندؤ تہ اوهان لاءِ (اوهان جي دلين ۾ حق ۽ باطل کي) نکيڙيندڙ (نور) پيدا ڪندو ۽ اوهان

سَيِّاٰتِكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾ وَ
توهان جون برايون ۽ بخشيندو توهان کي، ۽ الله مهرباني وڏي وارو آهي. ۽
جا گناه اوهان کان ٽاريندو ۽ اوهان کي بخشيندو، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

اِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ؕ
جڏهن رٿ پيا ڪن تو لاءِ ڪافر تہ قيد ڪن توکي يا قتل ڪن توکي يا نيڪالي ڏين توکي.
۽ (اي پيغمبر! ياد ڪر) جنهن مهل تو لاءِ ڪافرن رٿ ٿي ڪئي تہ توکي سوگهو ڪن يا توکي ڪهن يا لوڏين.

وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٣٠﴾ وَاِذَا تُتْلٰى
۽ رٿون پيا رٿين ۽ رٿ ڪاهي پيو الله، ۽ الله سڀ کان ڀلو رٿيندڙ آهي. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون
۽ (اها بجڙي) رٿ ڪيائون ٿي، ۽ الله (بہ) رٿ ڪئي ٿي ۽ الله بهتر رٿ ڪندڙ آهي. ۽ جڏهن اسان جون آيتون

عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا قَالُوْا قَدْ سَمِعْنَا لَوْ نَشَآءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هٰذَآ ۙ
انهن تي آيتون اسان جون چون ٿا تہ اسان ٻڌو سون جيڪڏهن اسان چاهيون تہ چئي ٿا سگهون هن جهڙو،
کين پڙهي ٻڌائجن ٿيون (تڏهن) چوندا آهن تہ ٻڌوسون، جيڪڏهن گهرون تہ انهيءَ جهڙو (اسين بہ) چئون.

اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣١﴾ وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ
هي آهن رڳو آکاڻيون اڳين جون. ۽ جڏهن چياڻون اي الله! جيڪڏهن آهي
(پر) هي تہ رڳو اڳين جون آکاڻيون آهن. ۽ (ياد ڪريو) جڏهن (ڪافرن) چيو تہ اي الله! جيڪڏهن

هٰذَا هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ
اهو ئي حق تنهنجي طرفان تہ وساءِ اسان تي پٿر آسمان کان
هي (قرآن) تو وٽان حق آهي تہ اسان تي آسمان کان پٿر وساءِ يا ڪو اسان تي

اَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣٢﴾ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ
يا آڻ اسان تي ڪو عذاب دردناڪ. ۽ ناهي الله عذاب ڪرڻ وارو انهن کي ۽ تون
ڏکوئيندڙ عذاب آڻ! ۽ الله کي نہ جڳائيندو آهي جو تنهنجي منجهن هوندي کين عذاب ڪري.

فِيْهِمْ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَمَا لَهُمْ
هجين انهن ۾، ۽ ناهي الله عذاب ڪندڙ انهن کي ۽ اهي معافي گهرندا هجن. ۽ ڇا اٿن
۽ الله کي (هي بہ) نہ جڳائيندو آهي جو کين هن هوندي عذاب ڪري جو اهي بخشش گهرندا هجن.

اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَهُمْ يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ
جو عذاب نہ ڪري انهن کي الله؟ ۽ اهي روڪين ٿا ڪعبة الله کان
۽ کين ڇا (ٿيو) آهي جو الله کين (پيغمبر جي هجرت کان پوءِ) عذاب نہ ڪري؟ هن هوندي جو مسجد الحرام کان (ماڻهن کي) جهليندا آهن.

وَمَا كَانُوْٓا اَوْلِيَآءَهٗ ؕ اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗٓ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ
۽ نہ آهن اهي وارث انهي ۽ جا، رڳو وارث ان جا پرهيزگار آهن پر گهڻا انهنجا
حالانڪ اُن جا متولي نہ آهن. پرهيزگارن کان سواءِ ٻيو ڪو ان جو متولي نہ آهي پر انهن مان گهڻا نہ ڄاڻندا آهن.

لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمْ عِنْدَ الْبَيْتِ اِلَّا مُكَآءً وَّ
نہ ٿا ڄاڻن. ۽ رڳو آهي نماز انهن جي ڪعبي وٽ سيٽيون ۽
۽ سندن نماز الله جي گهر وٽ سيٽين ۽ تاڙين هڻڻ کان سواءِ (ڪجهہ) نہ آهي. پوءِ انهيءَ ڪري جو

تَصْدِيَةً ؕ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّ
تاڙيون، پوءِ چکو عذاب کي هن ڪري جو ڪفر ڪندا آهيو. بيشڪ
ڪفر ڪندا هيؤ عذاب چکو. (۽) ڪافر پنهنجا مال هن لاءِ خرچ ڪن ٿا تہ

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ
ڪفر وارا خرچن ٿا پنهنجي ملڪيت جيئن روڪين الله جي راهہ کان،
(ماڻهن کي) الله جي راهہ کان جهلين، پوءِ اهي سگهو (پنهنجا مال) خرچ ڪندا

فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ ۬ۙ

پوءِ اجايو خرچ ڪندا رهندا پوءِ اهو ٿيندو انهن لاءِ ارمان پوءِ اهي هار کائيندا.

وري (اهو خرچڻ) مٿن حسرت ٿيندو وري هيٺا ٿيندا. ۽ ڪافر دوزخ ڏانهن

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِلٰى جَهَنَّمَ يُحْشَرُوْنَ ﴿٣٦﴾ لِيَمِيْزَ اللّٰهُ الْخَبِيْثَ

۽ اهي جن ڪفر ڪيو دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا. جيئن جدا ڪري الله پليت کي

گڏ ڪيا ويندا. ته (جيئن) الله پليت کي پاڪ کان ڌار ڪري ۽ پليت کي

مِنَ الطَّيِّبِ وَيَجْعَلَ الْخَبِيْثَ بَعْضَهٗ عَلٰى بَعْضٍ فَيَرْكُمَهٗ

پاڪ کان ۽ رکي پليت کي هڪ ٻئي تي پوءِ ڍير ڪري انهيءَ

هڪ ٻئي تي رکي پوءِ (ڪيس سڀني) هيڪاندو ڍير ڪري پوءِ ان کي

جَمِيْعًا فَيَجْعَلَهٗ فِيْ جَهَنَّمَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ قُلْ ع ١٨

ساري کي پوءِ وجهي ان کي دوزخ ۾، اهي ئي ماڻهو نقصان وارا آهن. چئو

دوزخ ۾ وجهي، اِهي ئي خساري وارا آهن. (اي پيغمبر!) ڪافرن کي چئو ته

لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ ۚ

ڪافرن کي جي بس ڪن ته ڪين معاف ڪيو ويندو جيڪي اڳي ٿي چڪو

جيڪڏهن اوهين بس ڪندؤ ته جو ڪجهه گذريو سو ڪين بخشبو ۽ جيڪڏهن ٻيهر ورڻ ڪندا

وَاِنْ يَّعُوْدُوْا فَقَدْ مَضَتْ سُنَّتُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾ وَقَاتِلُوْهُمْ

۽ جيڪڏهن موٽندا ته پوءِ ٿي گذريو آهي طريقو اڳين جو. ۽ توهان لڙائي ڪريو انهن سان

ته بيشڪ اڳين جي (اِها) عادت ٿي گذري آهي. ۽ (اي مومنو!) انهن سان (ايستائين) لڙائي ڪريو

حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ ۚ فَاِنِ

جيستائين نه رهي فساد ۽ ٿئي دين سارو الله لاءِ، پوءِ جيڪڏهن

جيستائين (ڪفر جو) فتنو نه رهي ۽ سموري حڪومت رڳو الله جي ٿئي (يعني قانون الاهيءَ جو عمل هلي) پوءِ جيڪڏهن

انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٣٩﴾ وَاِنْ تَوَلَّوْا

بس ڪري ويا ته الله سندن عملن کي ڏسندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن منهن موڙين

مڙي وڃن ته جيڪي ڪندا آهن سو الله ڏسندڙ آهي، ۽ جيڪڏهن منهن موڙيائون (۽ باز نه آيا) ته

فَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ مَوْلٰىكُمْ ؕ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿٤٠﴾

پوءِ يقين ڪريو ته الله حمايتي آهي توهان جو، واه جو حمايتي آهي ۽ واه جو مددگار!

ڄاڻو ته الله اوهان جو سنڀاليندڙ آهي، ۽ اهو ڀلو سنڀاليندڙ ۽ ڀلو مددگار آهي!

